# تاريخ ريگستان

(ڀاڱو پهريون)

رائچند هريجن

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ
١٤٠٩ھ/١٩٨٨ع

donated from
Suleman A. Memon's
personal library

# تاريخ ريگستان

(ٻن ڀاڱن ۾ — ڀاڱو پهريون)

از

رائچند هريجن

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ
١٤٠٩هه/١٩٨٨ع

| | | |
|---|---|---|
| پهريون ڇاپو | ١٩٥٦ع | تعداد ٢٠٠٠ |
| ٻيو ڇاپو | ١٩٧٧ع | تعداد ١٠٠٠ |
| ٽيون ڇاپو | ١٩٨٨ع | تعداد ٢٠٠٠ |



[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]
پاران ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.


قيمت: پنجيتاليهه رپيا
[ Price: Rs.45.00 ]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو ڪتاب اسٽال
تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ.

II


**TARIKH-E-REGISTAN Part I** (History of the Desert area of the province of Sind in Sindhi. Language).
**By:** RAICHAND HARIJAN.
**Published by:** Sindhi Adabi Board, Jamshoro, Hyderabad, Sind 1988.

---

هيءُ ڪتاب مسٽر حبيب الله صديقي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ مسٽر انور احمد ميمڻ پرنٽ منيجر جي نگراني هيٺ سنڌي ادبي بورڊ آفسٽ پريس ڄام شورو سنڌ ۾ ڇپيو.

ڪتاب کي ڪارائتي ڪرڻ لاءِ ڪارگر صلاحون ۽ وڌيڪ احوال موڪليندو ته احسان مند رهندس.

السان عيبن جو گهر آهي: جيڪڏهن ناظرين کي ڪي اوڻايون معلوم ٿين، ته نه رڳو درست ڪرڻ فرمائين، پر هن بندي کي انهن کان آگاهه ڪن، ته ٻئي دفعي درستيون ڪيون وڃن. هن ڪتاب لکڻ جي مراد صرف ٿر جي تاريخي حقيقتن تي روشني وجهڻ آهي- پڙهندڙن جيڪڏهن الهيءَ مان فائدو ورتو ته آءٌ پنهنجي ڪيل ڪوشش سڦائي سمجهندس.

چيلهار، ضلعو ٿرپارڪر سنڌ

تاريخ 1- نومبر 1953ع

- رائچند هريجن

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| باب پهريون | ٿر ۽ پارڪر جو طبعي ڪيفيت ۽ پراچين حالت | ١ |
| باب ٻيو | ٿرپارڪر جا راجپوت | ٢١ |
| باب ٽيون | ٿر ۾ سومرن جي حڪومت | ٤١ |
| باب چوٿون | ٿر ۾ سوڍن ۽ راٺوڙن جي حڪومت | ٥٠ |
| باب پنجون | سومرن جي حڪومت جو اوائلي دور | ٦٠ |
| باب ڇهون | سومرن جي حڪومت جو پويون دور | ٨٥ |
| باب ستون | سوڍن جي حڪومت | ١١٦ |
| باب اٺون | پارڪر جي حڪومت | ١٤٤ |
| باب نائون | ڪلهوڙن جي حڪومت | ١٧١ |
| باب ڏهون | ٽالپرن جي حڪومت | ١٩٣ |
| باب يارهون | انگريزن جي حڪومت | ٢١١ |
| باب ٻارهون | حڪومت پاڪستان (1947) | ٢٤٨ |
| باب تيرهون | ٿرپارڪر جا مکيہ ڳوٺ ۽ آدمشماري | ٢٥٥ |
| باب چوڏهون | ٿر ۾ رهندڙ قومون | ٢٦٤ |
| باب پندرهون | ٿرپارڪر جي معاشي حالت | ٢٨٣ |
| باب سورهون | ٿر جا رواج رسمون | ٣١٢ |
| باب سترهون | ٿر جي تهذيب ۽ تمدن | ٣٣٧ |

اٺند جي ترائي: گڏيڙي کان ٻه ميل ڏکڻ طرف، ننگرپارڪر ڏي ويندڙ رستي تي آهي. هن ترائيءَ ۾ ٽي-چار مهينا پاڻي رهندو آهي.

گڏيڙي جو تلاءُ: گڏيڙي شهر جي ڏکڻ طرف آهي. هن ۾ ڇهه مهينا کن پاڻي رهندو آهي.

راٺاسر تلاءُ: ڇيلهار ڳوٺ جي اتر طرف ڏيڍ ميل ٿڌ تي عمرڪوٽ ڏي ويندڙ رستي تي آهي. هن ۾ پنج-ڇهه مهينا پاڻي رهندو آهي. ڇيلهار ۾ ٻي ٻه ڇيڇي واري ترائيءَ ۾ ٽي-چار مهينا پاڻي رهندو آهي.

ڪاٺو تلاءُ: چارڻور جي اوير طرف ميل ٿڌ تي آهي، ڏوڪاري جي ڏهر ۾. هتي چار مهينا پاڻي رهي ٿو.

کينشسر جو تلاءُ: کينشسر ڳوٺ ۾ اوير طرف آهي. هتي چار مهينا پاڻي رهي ٿو.

منيءَ جو تلاءُ: مٺي شهر جي ڏکڻ طرف، هن ۾ اٽڪل ٽي مهينا پاڻي رهي ٿو.

پوڏيسر جو تلاءُ: پوڏيسر ڳوٺ وٽ. هن ۾ ست-اٺ مهينا بعضي ٻارهن مهينا به پاڻي رهي ٿو.

سالگاهه ۽ لورائي: پارڪر ۾ وڏا تلاءُ آهن، جن جو بيان اڳي ٿي چڪو آهي.

ازانسواءِ ٻيا به ڪيترا ننڍا ننڍا تلاءُ آهن، جن ۾ ٿورو گهڻو پاڻي رهي ٿو.

## ٩- ٿر جا ڀاڱا

ملڪ جي بيهڪ، طبعي بناوت، زمين جي خاصيت، ڀلائي، ڀلائي ۽ ٻين سببن جي ڪري ٿر جا جدا جدا ڀاڱا آهن، جيئن ته:



نقشو
ٿر جا پاڳا
نارو
مهراڻو
ڍاٽ
ڪنٺو
ونگو
سامروٽي
وٽ
روٽ
پارڪر


ريگستان
جو نقشو
ضلعو سانگهڙ
ڪڇ جو رڻ

اهي ٻيدر هئا ۽ ندي جو پاڻي رڻ مان وهي لڪپت تائين پهچندو هو ۽ لڪپت جي سارياءُ ٻوڪ جو مدار ئي انهيءَ پاڻي تي هو.

هن بابت ڪرنل جيمس ٽاڊ صاحب لکي ٿو تہ ”ٻکر کان اتر ۷ ميل پري تي سنڌو نديءَ مان هڪ شاخ نڪري لڪپت جي پرسان سمنڊ ۾ ٻوڙي ٿي. اها سنڌ جي اوڀر پاسي پٽن جي پرسان وهي ٿي. هن کي مٺي ندي يا مٺا مهراڻ چون ٿا“ (١). انهيءَ ڪري اڄ تائين پٽن جي ڏاڍي زمين جي ددگ واري ٽڪر کي مهراڻو چوندا آهن. هيءَ ندي هاڪڙو شاخ ٻند ٿيڻ کان پوءِ وهندي هئي.

مسٽر هينري ڪزنس لکي ٿو تہ ”قديم زماني کان وٺي سنڌ ۾ ٻہ وڏيون نديون وهنديون هيون: هڪڙي هاڪڙو کي سنڌو ندي ۽ ٻي مهراڻ ندي. سنہ ٩٦٢ع ۾ هڪ خوفناڪ زلزلو ٿيو، جنهن سکر ۽ ٻکر وارا ڪر ٽوڙي ڇڏيا. انهيءَ زلزلي سبب الور وٽان مهراڻ رخ ڦيرايو تہ پاڻيءَ جي اڻاٺ سبب شهر ڦٽي ويو“ (٢).

چوڻ ۾ اچي ٿو تہ مهراڻ، وڳهه ڪوٽ جي پرسان وهندي هئي ۽ اڄ تائين وڳهه ڪوٽ جي ويجهو زمين مان پاڻيءَ جون سڙيل ڪاٺيون ۽ پيا اهڙا نشان ملندا آهن، جنهن مان سمجهجي ٿو تہ مهراڻ ندي ضرور اتي اتان ئي وهندي هئي.

---

(١) ”ٽاڊ راجستان“ جلد ٻيون گجراتي صفحو ٧١٧.
(٢) ”انٽيڪئيٽيز آف سنڌ“ هينري ڪزنس.

سان پيدا ٿي: ابـوپهاڙ تي اگني ڪنڊ مان پيدا ٿيا، تنهن ڪري انهن کي ”اگني ڪل“ يعني اگني (باهه) جي ڪٽنب وارا به چئبو آهي. اها اگني ڪنڊ، جنهن مان راجپوت پيدا ٿيل چون ۾ اچن ٿا، سا اڄ ڏينهن ابوپهاڙ تي قائم آهي ۽ اها راجپوتن لاءِ وڏو تيرٿ جو آستان آهي.

راجپوتن جي جنم جي ڪهاڻي هڪ ڏند ڪٿا آهي، جا پرانـن ۾ ڏنل آهي ۽ ڪرنل ٽاڊ صاحب بـه اهائي ڏني آهي. جاڪاڻ تـه سڀني هندستان جا راجپوت اها ڳالهه سچي ڪري مڃين ٿا (١). پنهنجي هن حقيقت جي تصديق لاءِ هو ڪيترن شلا ليکن جا حوالا پيش ڪن ٿا. اهڙن انـن شلا ليکن جو احـوال ”ڏاور رياست“ جي اتهاس ۾ آيـل آهي. ابوجبل تي اچليشور مهاديو جي مندر ۾ هڪ ليک لکيل آهي، جنهن ۾ ڄاڻايل آهي تـه پرمار دونهي مان پيدا ٿيو هو ۽ شترو ماريا هئائين.

راجا مونج کان پوئين شلاليکن ۾ ۽ اتهاسڪ پستڪن ۾ پرمارن جي وڏي جو ابوجبل تي مهرشي وسشٽ جي اگني ڪنڊ مان پيدا ٿيڻ برابر ڏيکاريل آهي، مگر اها ڪلپنا بـه اتهاس جي انڌڪار ۾ پوءِ ڪيل معلوم ٿئي ٿي. پرمارن جي شلاليکن ۾ انهيءَ گهراڻي جي وڏي جو نالو ڌوم راج ڏيکاريل آهي. ڌوم معنيٰ دونهون، جو باهه مان پيدا ٿيندو آهي. شايد انهيءَ تي، پرمارن جي وڏي جو اگني ڪنڊ مان پيدا ٿيڻ ۽ انهن جو اگني ونسي چوائڻ جي ڏند ڪٿا، پوءِ سـن گهڙت ٿي هجي تـه عجب ڪونهي (٢).

”پرٿوي راج راسا“ ڪتاب موجب چار گهراڻا ابوجبل

---

(١) ”سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ“ مسٽر پيرو مل مهرچند آڏواڻي صفح ١-٥.

(٢) ”امرڪوٽ اتهاس“ مسٽر تيج سنگ سولنڪي صفحو ٧٩.

ڪم ايندو هو. سوتر ڪال ۾ ڪٿي ڪٿي ”آگر“ اکر ڪم آندل آهي. جين گرنٿن ۾ به ٦٠٠ع کان ١٢٠٠ع تائين راجپوت لفظ ڪم آندل نه آهي. ”پرٿوي راج راسا“ ڪتاب (جو چاند بردائي چارڻ لکيو آهي) ۾ به راجپوت لفظ ڪم آندل ڪونهي. مسلمانن جي اچڻ تائين راجائون پاڻ کي کتري چوائيندا هئا ۽ پوءِ راجپوت اکر ڪم اچڻ لڳو (١). راجپوت لفظ جي معنيٰ آهي ”راجه پتر“ يعني راجا جو پٽ.

## ٥- ’سنگهه‘ لفظ جو بنياد

کتري پنهنجي نالي جي پٺيان سنگ، سنگهه لفظ گڏيندا آهن: سنگهه لفظ جي معنيٰ آهي شينهن يعني بهادر. هن لفظ جو بنياد ٽين وڪرمي صدي کان ملي ٿو، جڏهن ايران جي راجا هندو سپيتا کي پنهنجو ڪري پنهنجي نالي سان گڏ سنگهه لفظ ويرتا جي ڪري لڳايو. پهريائين گجرات، راجپوتانا، مالوا، ڪاٺياواڙ ۽ دکن تي راج ڪرڻ واري شاڪ جاتي ايراني کترب ونسي بهادر راجا ودر داما جي پٽ، مها پرتابي راجا ردسنگهه جي وقت (شاڪ سنبت ١٠٣ - ١١٨ = وڪرمي سنبت ٢٣٨ - = عيسوي سنه ١٨١ - ١٩٦) جي مليل شلا ليکن ۽ سکن ۽ شاڪ سنبت ١٠٣ وڪرمي ٢٣٨ ويساک سنڌي پنجم ۽ عيسوي ١٨١ جي مليل شلا ليک ۾ ان جي نالي سان گڏ سنگهه اکر لکيل ملي ٿو (ڏسو پائونگر انسڪرپشنس صفحو ٢٢). مالوا جي پرمار راجائن جي نالي جي پڇاڙيءَ ۾ سنگ لفظ لڳائڻ جو رواج، وڪرمي ١٠ صدي ۾، ميواڙ جي گهلوتن ۾ ١٢ صدي ۾، ڪڇواهن ۾ ١٢ صدي جي پڇاڙي ۾، چوهاڻن ۾ تيرهين صديءَ ۾، ۽ ماورواڙ جي راٺوڙن ۾ ١٤ صدي ۾ جاري ٿيل سمجهجي ٿو. راجپوتن جي ڪري سکن جي ڏهين گرو

(١) ”راجپوتانا اتهاس“، هندي، پاڳو پهربون، صفحو ٨.

ٿر جي سوڍن وٽ جي دستخط احوال آهن، تن مان معلوم ٿئي ٿو تہ وڪرمي سنبت ۱۰۵۴ = ۹۹۶ عيسوي ڌاري، الور، امرڪوٽ، ننگرپارڪر، ماوواڙ جي راجا ڌرنٽي براهہ جي هٿ ۾ هئا ۽ پنس جوگراج امرڪوٽ تي راڄ ڪندو هو (۱).

۹۷۴ عيسوي ڌاري آبو جي پرمار راجا ڌرنٽي براهہ جو وڏو پٽ مهيپال عرف ديو راڄ آبو جو راجا ٿيو. ڌرنٽي برهہ جي ٻئي پٽ باهڙ (هن کي ڇهڙواڙ، ڇاڙواڙ يا ڇارواڙ بہ چوندا هئا) کي ٻہ پٽ هئا: سوڍو، سانکلو ۽ باگهہ. سوڍي جو اولاد سوڍا، سانکلي جو اولاد سانکلا مشهور ٿيا (راجپوتن جون ساکون اهڙي طرح وڏن جي نالن تي ۽ ڪن حالتن ۾ ڳوٺن جي نالن تي مشهور آهن ۽ سڏجن ٿيون) جيئن تہ ڌرنٽي براهہ جو وڏو پٽ مهپال آبو جو راجا ٿيو ۽ ٻئي پٽ باهڙ کي ڪجهہ بہ ڪونہ مليو، تنهن ڪري هو وڃي راڌنپور ۾ رهيو، جتان سندس وڏو پٽ نالي سوڍو سنڌ ڏي آيو (۲).

## ۷- امرڪوٽ تي پرمارن جي حڪومت

امرڪوٽ جي پراچين اتهاس جي پوري خبر ڪانهي، پر ڪن اتهاسن ۾ ٿورو احوال آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ ڇهين صدي عيسوي ڌاري، اتي پرمارن جي حڪومت هئي. لدروي ۽ پونگل جي يدو ونسي راجا منڌم راءِ امرڪوٽ جي پرمار راجا مسوڍ جي ڪنيا سان وهانءُ ڪيو (۳). منڌم راءِ کي انهي رائيءَ مان ٻہ پٽ ڪيهر، مولراج ۽ گوگلي نالي

(۱) ”سنڌي ٻولي جي تاريخ“ مسٽر ڀيرومل مهرچند آڏواڻي صفحو ۲۲۵.
(۲) ”امرڪوٽ اتهاس“ صفحو ۱۱.
(۳) ”ناد راجستان“ هندي ڀاڱو ٻيو صفحو ۱۱۸۶-۱۱۸۷ بحوالہ امرڪوٽ اتهاس.

ڏيپلو، ڇاڇرو، ڇيلهار، اسلام ڪوٽ، ڪانئيو، ۽ ڱيڙو وغيره تازا وسايل آهن، جن جو بنياد ٽن چئن سون سالن جي اندر آهي.

امرڪوٽ، ٻاوي ننگر، ننگرپارڪر، پوڏيسر، ويرا واهہ، ڪيرٽي ۽ هنجتل وغيره (۽ پيا ڪي شهر هوندا جن جو اتهاس نٿو ملي) جهونا وسايل آهن.

# باب ٽيون

## ٻيو سومرن جي حڪومت

### ١- امرڪوٽ تي سومرن جي حڪومت

يارهين صديءَ جي وچ ڌاري يا ان کان ٿورو اڳ، امرڪوٽ تي پرمارن کان سوسرا راجپوتن حڪومت هٿ ڪئي. ان بابت سربستو احوال اتهاسن مان نٿو ملي، پر "نادرِ راجستان" موجب انهن ۾ هاڪارو راجا هميرسنگ سومرو ٿيو آهي (١)، جنهن پنهنجي فوج سميت پونگل جي پدوونسي راجا دوساجي (جو سنبت ١١٠٠ ۾ گاديءَ تي ويٺو) جي ملڪ تي، ١٠٤٣ع ۾ ڪاهي ڦرمار ڪئي. دوساجي کي جڏهين اها خبر پيئي تڏهين هميرسنگ کي قاصد رستي چوائي موڪليائين، ته پنهنجي ڪيتري وقت کان دوستي آهي ۽ وري تو هان منهنجي راج ۾ ڦرمار ڪريو، اهو چڱو نه آهي. پر هميرسنگ هن جي ڳالهه نه مڃي، تڏهين دوساجي ڪاوڙجي راڄڌاني ڀات (امرڪوٽ) تي ڪاهي ويو ۽ هميرسنگ کي شڪست ڏنائين ۽ ڦرمار ڪري موٽي ويو (٢).

ڪڇ جي ڪيرني گڍ (٣) جو راجا وير ويهياس مڪواڻو

---

(١) "امرڪوٽ اتهاس" صفحي ٢ ۾ نالو سميرسنگ آهي، شايد پروف جي غلطي هجي

(٢) "وقائع راجستان" اردو ٻاڳو پيو، صفحو ٩٠.

(٣) ٿر جي بزرگن کان روبرو پڇائن ڪرڻ بعد معلوم ٿيو آهي ته ڪيرني گڍ ڪڇ ۾ ڪونه آهي، پر ٿر ڏوويزن ۾ مٺي تعلقي ۾ مٺي (بقايا صفحو ١٤٢)

ڏرٽيءَ جي سخت زلزلي سبب نابود ٿي ويو.

جڏهين رڻ سمنڊ هو، تڏهين هي مکيه سامونڊي بندر هو. هن جي ڀڪين سرن جي جاين جا نشان سال ١٨٣٥ع برنس جي وقت تائين ڏسڻ ۾ پئي آيا. سنه ١٨٤٥ع ۾ هڪ پڳل جهاز جو ڍانچو اتان هٿ ڪيو ويو هو، جو کپ ۾ ١٥ فوٽ هيٺ گتو پيو هو (١).

(١) ”انڊين گزيٽيئر آف سنڌ“ صفحو ١٧٢.

# باب چوٿون

## سوڍن ۽ رائوڙن جي ٿر ۾ حڪومت

### ١- سوڍن جو سنڌ ۾ اچڻ

سنه ٩٧٤ع ۾، سنڌ ۾ ڍرٽي براهم جو وڏو پٽ مهيپال عرف ديوراج آيو جو راجا ٿيو. ٻئي پٽ باهڙ ڪي ڪڇ ڪونه مليو، تنهن ڪري هو وڃي راڌنپور ۾ رهيو. هن کي ٽي پٽ سوڍو، سانڪلو ۽ باگهه هئا (١).

سوڍو، سنه ١١٢٥ع برابر ١١٨١ سنبت ۾، سنڌ جي سومري حاڪم وٽ لنگهي آيو (همير سنگ کان پوءِ سومرن جا ڪيترا ئي ڪهڙا حاڪم ٿيا سو ڪنهن به اتهاس ۾ ڄاڻايل ڪونه آهي)، جنهن مهرباني طور کيس رتو ڪوٽ ڏنو. رتو ڪوٽ ڪپري تعلقي ۾، کپري شهر کان ٦ ڪوهه ڪن پري واقع آهي. اهو ڪوٽ هاڻي ڊٺو پيو آهي، مگر اُن جا ڪنڊر اڃا تائين ڍوري ناري جي ڪپ تي ڏسڻ ۾ پيا اچن ۽ مگر رتوڪوٽ نالو اڃا قائم آهي (٢). ڪي چون ٿا ته سوڍو پاڻ سان راجپوتن جو وڏو ڪٽڪ وٺي آيو هو ۽ رتوڪوٽ سومري حاڪم کان پنهنجي طاقت جي زور سان ورتائين.

(١) ”سوڍن جي صاحبي“ صفحي ٧ ۾ لکيل آهي ته سوڍو ۽ سانڪلو شو ڪوٽڙي جي راجا چار راءِ جا پٽ هئا.

(٢) عام روايت موجب اهو ڪوٽ ”رتي“ نالي مغل ٻڌايو هو؛ مغل گهڻو پوءِ سنڌ ۾ آيا، انهيءَ ڪري اهو ڪوٽ به پوءِ جو آهي، مگر هن دند ڪٿا موجب انهن ڄاڻايل آهي.

پيوت سنگ، راڻو سرت سنگ، راڻو پير ڏان سنگ، راڻو جسونت سنگ ۽ راڻو ارجڻ سنگ ٿيا. ارجڻ سنگ نهايت قابل ۽ دانا راڻو هو. هن راڻي ۲۵ جنوري ۱۹۴۷ع تي وفات ڪئي. هن وقت (۱۹۵۳ع) سندس پٽ راڻو چندر سنگ آهي، جو پنهنجي خاندان جو سربراهه آهي.

مٿيون شجرو "امرڪوٽ اتهاس" صفحي ۸۳-۸۴ تان ورتل آهي. هن ۾ ڪن راڻن جو نالو ڪونه آهي، جن جو بين ڪن اتهاسن ۾ احوال آيل آهي. شايد اهو شجرو پورو نه به هجي.

## ۳- ڪاٺڙ ۾ راڻوڙن جي حڪومت

راڻوڙ پنهنجي پيدائش ڏيوونس مان چاٽائين ٿا. هنن جون ۲۴ ساکون آهن. ٿر ۾ ٿوري انداز ۾ آهن. جڏهن راڻي سوڍي رتو ڪوٽ هٿ ڪيو، تڏهين راڻوڙن کي به دل ۾ آيو ته اسين به ڇو نه سنڌ تي ڪاهه ڪري ڪجهه ڀاڱو هٿ ڪريون. سنڌ ۾ انهيءَ وقت سومرن جي صاحبي هئي. پر هو سوڍن ۽ راجپوتن مان پڇي ڪين ٿي سگهيا. راڻوڙن رتي ڪوٽ وارو پاسو ڇڏي، باقي ڪپري تعلقي جو وهيل ڀاڱو پنهنجي قبضي ڪيو. پوءِ پنهنجي حد وڌائي امرڪوٽ جي اتر طرف چوڙ اسٽيشن جي پرسان ڪيائون. پوءِ اڳيرو وڌي ڪيڙو ۽ ان جي آس پاس وارو ملڪ هٿ ڪري، جوڌپور رياست جي ڪجهه ڀاڱي تائين وڃي پهتا. انهيءَ سوري حد کي اڄ تائين "ڪاٺڙ" سڏيندا آهن. ڪاٺڙ هٿ ڪرڻ ڪري هو "ڪاٺڙيا راڻوڙ" سڏجڻ لڳا. ڪاٺڙ جو نالو شاهه جي رسالي سُر مارئيءَ ۾ ڪيترن هنڌن ڪم آيل آهي. ڪاٺڙ ۾ ڪتا، لويون، ڪمريون اڄ تائين ٺهن ٿيون. شاهه صاحب انهن جي ساراهه ۾ چوي ٿو ته:

سومرن کي جڏهين سنه ١٣٥١ع ۾ ڄام انڙ لوڙي ڪڍيو، تڏهين چار سال دربدر ٿيڻ بعد عمر سومري پڻي اچي سنه ١٣٥٥ع ۾ امرڪوٽ تي قبضو ڪيو؛ امرڪوٽ سومرن جي هٿ ۾ ١٣٥٥ع کان ١٤٣٩ع تائين ٨٤ سال رهيو، نه ١٠٩ سال، جيئن "امرڪوٽ اتهاس" ۾ ڄاڻايل آهي.

جيڪڏهين دودو امرڪوٽ هٿ ڪري ها ته سنڌس ڪٽنب ڄام ابڙي سمي وٽ ڪونه موڪلي ها. ڄاڪاڻ ته ابڙي امرڪوٽ جي سوڍن مان شادي ڪئي هئي (١). جنهن ڪري هو سوڍن جي دشمن کي پناهه اصل ڪونه ڏئي ها؛ ڄام ابڙي وٽ سومريون، سوڍن جي صلاح؛ مدد سان موڪليون ويئون، نه ته دودي جو ابڙي سان ڪو لاڳاپو اصل ڪونه هو. واڻي ڏارابرش کان دودي ٽئين نه، پر عمر سومري پنهنجي پوءِ ١٣٥٥ع ۾ امرڪوٽ هٿ ڪيو.

—

(١) مسٽر پوسٽنس جي "ڪڇ" صفحي ٥٢ جو فوٽ نوٽ. بحوالہ ڪڇ نوڪارتڪيہ ڄاڙيجو وير ڪنگوار، گجراتي صفحو ٩.

انڊيا"، جلد ١ صفحو ٤٨٤) سر ايلنٽ صاحب.

٤- ميجر جنرل هيگ پنهنجي ڪتاب "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري" صفحي ٧٣ تي لکي ٿو ته "سومرا اصل هندو هئا".

٥- سومرا، جن جو سنڌ تي راڄ هو، سي هندو جاتي جا آهن. ("بمبئي پريزيڊنسي گزيٽيئر" جلد ٧، سال ١٨٨٠ع صفحو ٩٩).

٦- سنڌ ۾ سومرا راجپوت پنهنجي بادشاهي برپا ڪئي (ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد ٣).

٧- مسٽر ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" صفحي ٢٢٧ ۾ لکي ٿو ته "سومرا اصل هندو راجپوت هئا"

٨- شمس العلماءِ خان بهادر مرزا قليچ بيگ صاحب پنهنجي ڪتاب "قديم سنڌ" صفحي ٤١ ۾ لکي ٿو ته "سومرا اصل راجپوت هئا، جي پوءِ مسلمان ٿيا".

٩- سنڌ جي آڪائين ۾ لکيل "گجراتي اتهاس" صفحه ٢٤ ۾ دودي جو نالو "ڏوڏو" ۽ چنيسر جو نالو "چنديشور" لکيل آهي.

١٠- مسٽر اميد علي ڪريم بخش هيڊماسٽر عمرڪوٽ پنهنجي ڪتاب "سنڌ جو گجراتي اتهاس" صفحي ١٢ ۾ لکيو آهي ته: "سومرا اصل هندو هئا".

١١- سومرا اصل سنڌ جا سومرا راجپوت ذات مان هئا. (ڪاٺياواڙ سروسنگره، صفحو ١١٦).

١٢- سومرا اصل چندرونسي هئا، جاڪاڻ جو سوم ۽ سوم اهي ٻئي لفظ چندرما جا پرماڻ آهن. ڪيترا سومرا پاڻ کي عرب جاتيءَ جا قريشي سمجهن ٿا، ان جو ڪارڻ هي آهي ته عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ بعد ڪيترا قريشي سنڌ ۾ آيا ۽ سومرن جي مسلمان ٿيڻ بعد انهن جو پاڻ ۾ مڱابنديءَ جو

هن ۴۳۲ هجريءَ ۾ سنڌ جي شيخ ابن سومر راءِ ڏانهن لکيو ۽ کيس سنڌ ۽ ملتان ۾ دوباره اسماعيلي حکومت قائم ڪرڻ جي غيرت ڏياري آهي، سو سومرن ۽ عربن جي تعلقات تي هڪ معتبر شاهد آهي. تاريخ معصومي ۾ آهي ته غزنين جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي سومرن پنهنجي سردار سومري کي حڪومت جو والي بڻايو، جنهن ”ساڊ“ نالي هڪ زميندار جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي (”عرب ۽ هند کي تعلقات“ مصنف علامه سيد سليمان ندوي، ۾ ”سعد“ لکيل آهي). ان مان ثابت ٿو ٿئي ته انهيءَ نومسلم سومري حاڪم، ڪنهن قديم عرب مسلمان خاندان مان شادي ڪئي، جنهن مان اهو گهرائو شروع ٿيو (”تاريخ و سياسيات“ اردو، اپريل ۱۹۵۱ع، جلد پهريون، علامه سيد سليمان ندوي صاحب جو مضمون صفحو ۲۰).

تاريخ فرشتي ۾ لکيل جي سومري حاڪم جو نالو چنيسر لکيل آهي، جو اصل ۾ چنيسر آهي. ”طبقات ناصري“ ۾ ”ملڪ سنان الدين چنيسر والي ديول و سنڌ“ جي نالي ۽ ذڪر سان هن جو نالو لکيل آهي، جنهن سال ۶۲۵ هجريءَ ۾ دهلي جي اطاعت قبول ڪئي (حواشي ”تاريخ معصومي“ ڊاڪٽر عمرالدين دائود پوٽو صاحب). چنيسر جو اصل نالو ’چند ايشور‘ هو جو هندو نسل جو پتو ڏئي ٿو، ۽ ملڪ سنان الدين جو لقب اسلام ۾ اچڻ جي ثابتي آهي (علامه سيد سليمان ندوي صاحب جو مضمون ”تاريخ و سياسيات“ صفحو ۲۱–۲۲).

سومرن کي اصل ’سومراءِ‘ چوندا هئا: سوم جي معنيٰ هندي ۾ چنڊ آهي. اهڙيءَ طرح سنگهار کي ’سنگهراءِ‘ ۽ پونگر کي ’پونگراءِ‘ سمجهڻ گهرجي (تاريخ و سياسيات اردو صفحو ۲۲ علامه سيد سليمان ندوي صاحب).

مٿين تاريخي حوالن جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته

بعد انهن جو مکي سچيءَ قوم سميت مسلمان ٿيو (١).

٥- سر ايلئٽ ”هسٽري آف انڊيا“ جلد پهريون صفحي ٢٥٦ ۾ لکي ٿو تہ سومرا شيخ بهاؤالدين ملتاني (٢) جي فيض سان مسلمان ٿيا.

٦- جن سومرن سنڌ تي حڪومت ڪئي، سي هندو هئا. چنيسر سومرو جنهن ”چچ نامي“ جي لکڻ موجب سنہ ١٢٨٢ع کان ١٣٠٠ع تائين ١٨ ورهيہ حڪومت ڪئي، سو هندو ڌرم رکندو هو: چاڪاڻ تہ ان جو لاشو ليلان جي لاش سان گڏ، هندو رسمن موجب ماڻهن چکيا تي ساڙيو ويو (ڏسو تحفةالڪرام، جلد ٣، صفحو ٤٣).

سومرن جي مسلمان ٿيڻ بابت، ڪنهن بہ اتهاس ۾ چٽي خاطري ڪانهي تہ ڪڏهين مسلمان ٿيا، پر اها پڪ آهي تہ هو اصل هندو راجپوت هئا ۽ پوءِ مسلمان ٿيا.

## ٣- سومرن جي حڪومت جو عرصو

سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت بابت جدا جدا تاريخن نرالا نرالا بيان لکيا آهن: ”تحفةالڪرام“ ۾ سومرن بابت ٻن ٽن آکاڻين کان سواءِ وڌيڪ ٻيو ڪوبہ بيان ڏنل ڪونہ آهي. ”تاريخ معصومي“ ۾ سومرن جي حڪومت بابت ڪجهہ تفصيل ڏنل آهي. ”آئين اڪبري“ ۾ سومرن جي ٣٦ سردارن جا نالا آهن، جن پنج سو ورهيہ سنڌ تي حڪومت ڪئي. ”تاريخ فرشتہ“ لکي ٿو تہ سومرن فقط هڪ سو ورهيہ سنڌ تي حڪومت ڪئي. ”منتخب التواريخ“ ۾ لکيل آهي تہ سومرن جي ١٩ سردارن، سنہ ١٠٥٣ع کان ١٤٠٠ع تائين

(١) ”بمبئي پريزيڊنسي گزيٽيئر“ جلد ٧ ڪڇ، پالنپور ۽ ماهي ڪانٺا صفحو ٩٩-١٠٠.
(٢) شيخ بهاءُالدين ذڪريا ملتاني ٢٧ رمضان المبارڪ ٥٦٦هہ-١١٧٠ع ۾ تولد ٿيا ۽ ١٢٧٠ع ۾ فوت ٿيا.

لشڪر جي ڪاهه ڪرڻ جو سال آهي.

خان بهادر حاجي محمد صديق ميمڻ پنهنجي هڪ مضمون، "تعليم اخبار" جون ١٩٣٧ع ۾، دودي ۽ علاءالدين جي لڙائيءَ جو احوال ڏيندي صفحي ٣ ۾ لکي ٿو ته "١٣١٢ع ۾ سنڌ جو حاڪم پونگر هو، جلدئي ان جي مرڻ بعد گاديءَ تان تڪرار ٿيو". انهيءَ موجب به سال ١٣١٣ع برابر آهي.

"لب تاريخ"، جي ڏنل لسٽ مطابق، الوحيد جي آزاد نمبر جي ليک جو رايو وڌيڪ وزنائتو آهي؛ ڪڇ جي گجراتي اتهاس موجب ڏنل سال ١٣١٣ع اعتبار جوڳو ٿي سگهي ٿو.

مرزا قليچ بيگ جي انگريزي ۾ لکيل تاريخ جلد ٢ موجب، چنيسر جي حڪومت پونگر کان اڳ ڄاڻايل آهي، مگر چنيسر پونگر جو پٽ هو؛ دودي کان پوءِ گاديءَ تي ويٺو هو. مرزا جي تاريخ ۾ ڏنل لسٽ ۾ پونگر کان پوءِ خفيف، دودو، عمر، پونگر ۽ همير حاڪم ڏيکاريل آهن: مگر اها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته پونگر کان پوءِ دودو ۽ ان کان پوءِ علاءالدين جي مدد سان چنيسر گاديءَ تي ويٺو. انهيءَ موجب سومرن حاڪمن جي لسٽ پونگر کان پوءِ هيٺين درست ٿيڻ گهرجي:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| پونگر پهريون | ١٣٠٠ع | کان | ١٣١٢ع | تائين |
| دودو ٻيون | ١٣١٢ع | " | ١٣١٣ع | " |
| چنيسر | ١٣١٣ع | " | ١٣٣٢ع | " |
| خفيف | ١٣٣٢ع | " | ١٣٥٥ع | " |
| عمر پهريون | ١٣٥٥ع | " | ١٣٩٠ع | " |
| پونگر ٻيون | ١٣٩٠ع | " | ١٤٠٠ع | " |
| همير | ١٤٠٠ع | " | ١٤٣٩ع | " |

مٿين تاريخي احوالن جي ڇنڊ ڇاڻ بعد ثابت ٿئي ٿو ته علاءالدين جي ڪاهه جو سال ١٣١٣ع برابر آهي.

پروفيسر محمد حبيب جي تاريخ "سلطان محمود غزنوي"، صفحو ٣٨-٥٠، الهه آباد اڪيڊمي، سال ١٩٤٠ع).

چار سؤ قبل مسيح، سنڌ ۾ ڪلان ڪوٽ ۽ نيرون ڪوٽ هندن جا قلعا هئا. انهن قلعن ڪان سواءِ، راءِ گهراڻي جي راجائن وٽ اَڇ، مائيلو، سيوراءِ مائو، سيوستان، نيرون ڪوٽ، الور، برهمڻ آباد، ۽ ديول مشهور ڪوٽ هئا، جن جي ڪيرائڻ لاءِ عرب فاتحن منجنيقون استعمال ڪيون هيون ("چچ نامو" صفحو ١٥-١١٥، شمس العلماءَ ڊاڪٽر عمر محمد دائود پوٽو، سابق ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن سنڌ، سال ١٩٣٩ع).

ڪاٺياواڙ ۾، راجڪوٽ مسلمانن جي دور ڪان اڳ جو وسايل آهي، ۽ هندن جي راڄڌانيءَ جو هنڌ هو.

اچوڪا ڪي ليکڪ چون ٿا ته "ڪوٽ" لفظ اسلامي ڪلچر جو آهي؛ جيڪڏهين هندن جو وسايل هجي ها ته "ڪوٽ" لفظ نه هجي ها. هندو، ڪوٽ جي بدران "گڙهه" (گڊ) لفظ ڪم آڻيندا آهن، وغيره، مگر مٿين احوالن مان معلوم ٿيندو ته ڪوٽ لفظ جو اسلامي ڪلچر سان لاڳاپو ڪونه آهي، ۽ نڪو هرويرو هندو پنهنجن قلعن کي "گڙهه" ۽ مسلمان "ڪوٽ" سڏيندا هئا.

ميرن جڏهين ٿر جو پاڳو سوڍن ڪان هٿ ڪيو، تڏهن مٺيءَ ۾ ١٧٩٥ع ۾ مير فتح علي خان هڪ قلعو جوڙائي، ان جو نالو "فتح گڙهه" رکيو ۽ نه "فتح ڪوٽ"؛ ان ڪان پوءِ ڇيلهار ۾ قلعو ٺهرائي، ان جو نالو "علي گڙهه" رکيو ۽ نه "علي ڪوٽ".

اهي نالا ڪجهه وقت چالو هئا، پر پوءِ وري اهي ڳوٺ پنهنجن اصلوڪن نالن سان سڏجڻ لڳا، جي اڄ ڏينهن انهن نالن سان سڏجن ٿا.

هندستان ۾ علي گڙهه- جتي مشهور مسلم يونيورسٽي آهي. ڇا، اهو مسلمانن جي آباد ڪيل نہ آهي؟ اهڙا ٻيا بہ ڪيترا مثال آهن، جو مسلمان پنهنجي ٻڌايل شهرن کي "گڙهہ"، جي نالن سان سڏيندا هئا، جيئن تہ سنڌ ۾ "دين گڙهہ" جتي مدد خان جي ڪاهہ وقت مير وڃي گڏ ٿيا هئا.

مٿين حقيقتن مان چٽيءَ طرح ثابت ٿيو تہ امر ڪوٽ نڪي امر سنگ جو ٻڌايل آهي، ۽ نڪي عمر سومري جو ٻڌايل آهي. اهو شهر انهن ٻنهي جي حڪومتن کان آڳاٽو آهي، ۽، جناب مولوي حڪيم نجم الغني صاحب جي تحقيقات موجب، اومره سومري جو ٻڌايل آهي (سومرا ان وقت هندو پرمار راجپوت هئا)، جنهنڪري امرڪوٽ سڏبو هو، ۽ ان کي الف سان لکڻ جو عام رواج هو، جو مولائي شيدائي جي لکڻ موجب اڪبر اعظم جي زماني تائين امرڪوٽ الف سان لکبو هو، پوءِ مسلمان مورخن جي خوش فهميءَ ڪري، ڦري عمرڪوٽ ٿيو: اڄ تائين ڪيترا فاضل ليکڪ امرڪوٽ الف سان لکن ٿا، جوئي صحيح لفظ آهي.

---

هن جو تو ۾ آهي، سو ٻئي ڪنهن ۾ به نه آهيس“ ويچارو عمر تميم هن جي چالاڪين تي ويساهه ڪري ويو ۽ خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نه پئي ماپيو.

هڪڙي ڏينهن شاهي مجلس ٿي، جنهن ۾ نشي جي حالت ۾ عمر تميم پنهنجي زال گنگا کي طلاق ڏني، جو پوءِ چيائونس ته ”انهيءَ طلاق ڏنل زال کي عمر سومري جي حوالي ڪرا“ جڏهين ائين به قبول ڪيائين، تڏهين انهن يڪدم گنگا کي ڪٺي عمر جي محلات ۾ موڪليو. جڏهين عمر تميم جا صبح جو نشا لٿا، تڏهين پنهنجي ڪئي تي ڏاڍو پشيمان ٿيو، ۽ سٽي ۾ مٽي وسائيندو، دهليءَ ڏانهن بادشاهه علاوالدين وٽ دانهن ڪٺي ويو. بادشاهه جڏهين اها ڳالهه ٻڌي، تڏهين يڪدم عمر سومري ڏانهن حڪم موڪليائين ته ”تون اسان جي دربار ۾ اچي ثابتي ڏي ته تون بيگناهه آهين، ۽ جيڪڏهين ائين نه ڪندين ته توکي سزا ڏيڻ لاءِ آءٌ پنهنجو زبردست لشڪر چاڙهي، تنهنجو ملڪ تاراج ڪندس ۽ تنهنجا ٻار ٻچا قيد ڪندس!“

پيغام پهچڻ سان عمر دهليءَ روانو ٿيو. اتي پهچي، بادشاهه اڳيان نذرانا پيش ڪيائين. جڏهين فريادي ۽ جوابدار جا اظهار ورتا ويا، تڏهين عمر سومرو ڏوهاري ثابت ٿيو ۽ سلطان کي ايترو ڏمر ٿيو، جو عمر سومري کي جنم ٽيپ جي سزا ڏنائين. عمر ڪيترا ڏينهن قيد ۾ هو، نيٺ ڪن معتبر ماڻهن جي سفارش تي سلطان هن کي انهيءَ شرط تي آزاد ڪيو ته آئيندي سال بسال دهليءَ جي حڪومت کي خراج پهچائيندو رهندو. انهيءَ ڏينهن کان وٺي، سومرا دهليءَ جي بادشاهن جا تابعدار ٿي رهندا آيا، ۽ عمر سوٽي عمرڪوٽ ۾

مومل اهو ڏسي سندس دامن ۾ هٿ وجهي عرض ڪيو ته 'منهنجا پيارا! آءُ آسائتي ٿي آئي آهيان، سو مهرباني ڪري مون کي پناهه جو پاند ڏي.' پر راڻو نه مڙيو. مومل جي دل کي ڏاڍي چوٽ آئي، ۽ جيائين ته هاڻي سنسار ۾ رهڻ اجايو آهي، سو مايوس ٿي موٽي، گهر اچي ڪاٺين جو ڍگ ڪرائي، مٿي ٽيڻ لاءِ ان تي چڙهي ويٺي؛ ۽ پوءِ باهه ڏياريائين. راڻي کي ڪن ۾ اها خبر پهچي ويئي، سو ڊوڙندو آتاهه ڏي آيو ۽ مومل مچ ۾ ڏسي، سندس به دل پرجي آئي: اکين ۾ آب آٽي، مٿان مچ ۾ ٽپو ڏيئي ڪاهي پيو، ۽ پتنگ وانگي مومل مٿان پاڻ صدقو ڪيائين.

(روح رهاڻ تان مدد ورتل)

# باب ستون

## سوڍن جي حڪومت

سنه ١٤٣٩ع ۾ همير سومري کان، راڻي همير سوڍي عمرڪوٽ تي قبضو ڪيو. انهيءَ عرصي اندر، يعني ١٣٥٥ع کان (جڏهين عمر سومري عمرڪوٽ هٿ ڪيو)، سنه ١٤٣٩ع تائين (جنهن ۾ راڻي همير عمرڪوٽ تي پنهنجو قبضو ڪيو)، يعني ٨٤ سالن ۾ هيٺئين موجب راڻا ٿيا: ”ڌارابرش“ کان پوءِ ”راڻو دوجنشال“ ٿيو، ان بعد ”راڻو ڪيهرو“، ۽ ”راڻو اوتاردي“ ٿيو. آن وقت جيتوٽيڪ انهن وٽ حڪومت ڪانه هئي ته به قوم پاران کين ”راڻپ“ جو لقب هو، جيئن هن وقت به آهي.

## راڻو اوتاردي

هي مشهور ۽ هاڪارو راڻو هو. سندس وهانءُ، مارواڙ جي راجا راءِ چونڊاجي (جنهن جي حڪومت وڪرمي سنبت ١٤٥١ کان ١٤٨٠ تائين مارواڙ تي هئي) جي گهران ٿيو هو. ان وهانءُ جي خوشيءَ ۾ هن راڻي، پانن ۽ چارڻن کي گهڻو دان ڏنو هو، جنهنڪري انهن سندس ساراهه ۾ ڪيترائي چند ۽ ڪوتائون ٺاهيون هيون، جي اڄ به ماڻهو چاهه سان ٻڌائيندا آهن. راڻي اوتاردي کان پوءِ ”راڻو ڏرو“ ۽ ان بعد ”راڻو همير“ گاديءَ تي ويٺو (١).

---

(١) ”آمرڪوٽ اتهاس“، صفحو ٥٠-٥١

۾ اچي مليريا پيئي، جنهنڪري ڪيترا سپاهي مري ويا (١)۔
اتان ٦ نومبر ١٥٤١ع = ڀهرين جمادي الاول ٩٤٨هه، سيوهڻ
تي ڪاهي ويو۔ پنجن مهنن جي ڪوشش بعد، نااميد ٿي
موٽي ٤ مارچ ١٥٤٢ع جي بکر ۾ آيو (٢)۔ مرزا شاهه حسن
پٺيان ڪاهي آيو، جتان پڻ زميندارن جي مدد سان، چوپايو
مال ڪڍي، ڪلن جي وسيلي، درياهه اڪري هن پر ٿيو (٣)۔
۽ تڪليف بعد اچي روهڙيءَ پهتو، جتي ڪيترا سپاهي ۽ سردار
ڪٽڪ تي ڇڏي ويا: همايون دل لاهي سڪي شريف ڏي وڃڻ
جو ويچار ڪيو۔

اجا انهيءَ خيال ۾ هو، ته جوڌپور جي راجا مالديو جو
قاصد پهتو ته 'جيڪڏهين جوڌپور ايندا ته ويهه هزار راجپوتن
جو لشڪر تيار ڪري ڏيندس'۔ انهيءَ پيغام پهچڻ تي همايون،
٧ مئي ١٥٤٢ع = ٢١ محرم ٩٤٩هه، منزل ڪٽي بکر مان
روانو ٿيو ۽ پڻ مهنن بعد، ٢ ربيع الاول ٩٤٩هه جي بيڪانير
پهتو۔ جتي، بادشاهه ڪن سڄڻن جي صلاح سان، سمندر بيگ
کي راجا مالديو ڏي موڪليو، جو ترت واپس آيو، ۽ بادشاهه
کي چيائين ته 'مون کي هت حضور جن جي حق ۾ وفائي
۽ سچائي نظر ڪانه آئي'۔ بادشاهه جڏهين ڦلودي ڳوٺ ۾
پهتو (جو جوڌپور کان ٣٠ ڪوهه پري هو)، تڏهين وري
خاص جاسوس شمس الدين اتڪ کي راجا مالديو وٽ موڪليائين،
جنهن جلدئي خاطريءَ جهڙي خبر آڻي ڏني ته 'راجا، شير شاهه
سان ملت آهي ۽ اوهان کي ڦاسائڻ لاءِ اهو چار پکيڙيو اٿس'۔
ملا سرخ، جو اڳي همايون وٽ ڪتابچي هو، سو هينئر راجا
مالديو وٽ زبردست هو، تنهن همايون بادشاهه کي اڳواٽ

(١) "هسٽري آف سنڌ"، جلد ٢، مرزا قليچ بيگ
(٢) "سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي جرنل"؛ جلد ٤، پارٽ ٤، صفحو ١٨٣۔
(٣) "تذڪرات الواقعات"، صفحو ٤٨۔

بادشاهہ جو قبضو ٿيو.

عمرڪوٽ جي راڻي، جيڪي خدمتون سنڌس ٻئي جڻن ڪيون هيون، سي ياد آيس ۽ پنهنجي جنم جي ڳالهہ بہ ياد ڪري، عمرڪوٽ جي راڻي کي لکيائين تہ ”عمرڪوٽ منهنجي جنم جي جاءِ آهي، ۽ اوهان منهنجي والد محترم سان بلڪل وفادار ٿي رهيا هئا، تنهن ڪري اوهان کان ساليانو ڍل وٺڻ آءٌ حرام ٿو سمجهان، اوهان کي سڀ ڍلون معاف آهن“. اڪبر بادشاهہ جي هن حڪم جي پڌرائيءَ ٿي سڄي ٿر ۾ واهہ واهہ ٿي ويئي، ۽ هرڪو ٿري ائين چوڻ لڳو تہ ڀلي اڪبر بادشاهہ عمرڪوٽ ۾ ڄائو، جنهن ٿر مان ”واڻر“ (ڍل) جو رواج بند ڪري ڇڏيو. شاهہ صاحب، ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ جڏهين ٿر گهمڻ ويو هو، تڏهين بہ ڍل جو رواج ٿر ۾ ڪونہ هو، اها خبر وسالي ماروئڙيءَ جي هيٺينءَ سٽ مان ملي ٿي:

”تڪا جهل نہ پل، تڪو واڻر ڏيهہ ۾.“

پارڪر پاسي جن راڻن راڄ ڪيو ٿي، تن بہ اهوئي دستور اختيار ڪيو، ۽ سڄي ٿر مان ڍل جو نالوئي نڪري ويو (۱).

اڪبر کان پوءِ سنڌس پوين جي بہ نالي ماتر تابعداري هلندي آئي، تان جو سنہ ۱۷۰۹ع ۾ دهليءَ جي بادشاهہ شاهہ عالم، عمرڪوٽ پرانت، جوڌپور جي راجا اجيت سنگهہ کي عنايت ڪيو هو، مگر پوءِ ترت ئي وري سوڍن عمرڪوٽ تي قبضو ڪري ورتو، جن کان وري ميان نور محمد ڪلهوڙي اهو شهر هٿ ڪيو.

---

(۱) ”سوڍن جي صاحبي“، پيرومل مهرچند؛ صفحو ۲۲.

ڏيندا هئا، جيئن ته مهيشورين (ڪراڙن) ۾ ڪا شادي ٿيندي هئي، ته ڪراڙ ساڍا ٢٦ رپيه روڪڙا ساڙهيءَ جا ڏيندا هئا. سوڍا ڪراڙن کي قرض اڳاڙي ڏيندا هئا ته ان جي عيوض سٽو تي هڪ رپيو وٺندا هئا. اهي لوازما ڪراڙن ۽ ٻين، هن ڪري پاڻ تي پڌا، جو سوڍا هنن کي ڌاڙيلن کان بچائيندا هئا. ٻيا غريب لوڪ جي اهڙا ٻنڌياڻ پاڻ تي پڌي نٿي سگهيا، سي به پنهنجي حال سارو ڪجهه ڏيندا هئا، جيئن ته شاديءَ وقت هڪ رپيو (جنهن کي ڪنٽو چوندا آهن، اهو رواج اڄ تائين هليو اچي، ۽ هن وقت به سوڍا پنهنجي اثر هيٺ آيل ڳوٺن جي غريب لوڪن کان وٺندا آهن). ڪو غريب جهنگ ۾ ڪاٺيون ڪرڻ ويندو هو، ته پاڻمرادو هڪ به پريون ڪاٺين جون واٽن جي در تي به اڇلائي ويندو هو. ڏوٿي ماٺهو ڏٽ لاءِ ويندا هئا، ته سگر، پڪا، پيرون، پسي، ڏونرا ۽ ٻير وغيره، واٽن وٽ نذرانو ڪري ڪٺي ويندا هئا. شاهه جي رسالي مان ڏسجي ٿو ته شاهه صاحب کي به انهيءَ ڳالهه جي خبر هئي، تنهن ڪري مارئيءَ جي واتان چوايو اٿس ته:

"پسي ڪاٺي ٻيٽ ۾ ڏونرا ڏن آءٌ ڏيندي."

جهڙيءَ طرح مسلمانن وٽ پيلي ۽ خاصخيلي ٿين ٿا، تهڙيءَ طرح سوڍن وٽ ڀجير هوندا هئا (۽ اڄ به آهن) سندن گهر ۾ ليپو چونڪو، باسڻ ملڻ جو ڪم ۽ ٻيو آئي - ويئي اڄ تائين ڀجير ۽ ڀجيرائيون ڪن. جنگ جهيڙي مهل يا ڌاڙيلن کي سامهون ٿيڻ مهل ڀجيرن کي سوڍا اڪثر ساڻ ڪو نه ڪٺندا هئا، ۽ ڀجير ذات کان ڪنهن به قسم جو نذرانو ڪين وٺندا هئا (١).

سوڍن جي ڏينهن ۾ غريب لوڪن تي ڪي خاص بندشون

(١) "سوڍن جي صاحبي"، صفحو ٢٣-٢٦.

ڇگو نہ آهي، انهن ڳالهين کان پڇڻ گهرجي (١).

ڪڇ ۾ انهيءَ رواج کي روڪڻ لاءِ، ڏيسرجي ٻئي، قاعدو پاس ڪيو تہ اڳتي جيڪڏهين ڪوبہ پنهنجي ڌيءَ کي ماريندو، تہ قاعدي جو ڏوهاري ٿيندو (٢).

انگريزن جي واج ۾ اهو رواج نڪري ويو، جو سرڪار قانونا اهو ڏوهہ ٺهرايو.

---

(١) "راجپوتانا اتهاس" هندي، صفحو ١٠٢.

(٢) "ڪڇ جو اتهاس" گجراتي، صفحو ١٥٣.

# باب انون

## پارڪر جي حڪومت

### ١- پاري نگر

”پارڪر“ جو پورو اتهاس ملي نٿو سگهي: ڪئپٽن ريڪس صاحب جي لکڻ موجب، عيسوي ٻارهين صديءَ ۾ ”پاري نگر“ وڏو شهر هو. آن وقت ان جي آبادي چاليهه هزار هئي ۽ وڏو بندرگاهه هو. ڪڇ جو رڻ ان وقت سمنڊ هو، جتان جهاز لنگهي پاري نگر ۾ ”ڏوتڙ“ وٽ بيهندا هئا.

”سڏونت - ساونگا“ جي ڪهاڻي مشهور آهي. ”ساونگا“، پاري نگر جي ويٺل هئي، جنهن ”سڏونت“ کي اچڻ لاءِ پنهنجي گهر جو ڏس هيٺين نموني ڏنو:

”پاري نگر پڌارجو، ڪر جو لنبا ويس:
جس گهرناريل رونکڙا آس گهر ڏيجو آڏيس.“

يعني ’پاري نگر جي شهر ۾، جنهن گهر ۾ ناريل جو وڻ بيٺل ڏسين، اتي اچج‘؛ چاڪاڻ جو اهوئي سندس گهر هو. ناريل جو وڻ اڪثر سمنڊ جي ڪناري تي ٿيندو آهي، جنهن مان گمان نڪري ٿو ته پاري نگر ان وقت سمنڊ جي ڪناري تي هو.

مشهور ليکڪ اورين لکي ٿو ته ’عيسوي ٻي صديءَ ۾ سنڌو ندي ۽ نربدا نديءَ جي وچئين ڀاڱي ۾ ”پاردو“ جو راڄ هو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ مين ڳڙهه هو‘ (١). ”پاردو“

---

(١) ”ٽاڊ راجستان“، گجراتي ڀاڱو ٻهريون، صفحو ١٤.

ڪٺائون ٻڌائين ٿا ته اهي قبرون سلطان محمود جي لشڪري ماڻهن جون آهن.

## ٤- سوڍن جو پارڪر ۾ اچڻ

واٽي ڏارابرش تائين سوڍن پارڪر سوڍو سچي ٿر تي قبضو ڪري ورتو هو. ڏارابرش جا ٻه پٽ ٿيا، جن حڪومت ورهائي. وڏو پٽ درجنشال عمرڪوٽ ۾ رهيو، ۽ ننڍو پٽ آسراءِ پارڪر ۾ آيو ۽ ننگر پارڪر شهر ۾ هڪ تلاءُ وٽ جايون جوڙائي اچي رهيو، جنهنڪري اهو تلاءُ اڄ تائين راڻن جي نالي پٺيان ”راڻاسر“ سڏجي ٿو. هاڻي سچي ٿر ۽ پارڪر تي سوڍن جو قبضو ٿي ويو هو.

## ٥- پارڪر جي راڻن جو شجرو

راڻي آسراءِ کان پوءِ هيٺيان راڻا ٿيا: راڻو ڏيوراج، مڙڪ جي، ڪنگهارجي، ارجڻ جي، ڀيمجي، باڪر جي، گانگوجي، اکوجي، ماڻڪ راءِ، ڏيپارڏيو، راسسنگ، وڻويرجي، رائڌڻجي، خانجي، گجسي، راڻو ڪانجي، (ڪرڻ جي)، راڻو رتن جي- جو ڪرڻجي جو گود ورتل هو، هميرجي، رٺيوڙجي، ۽ اڇل سنگ- جو پارڪر جو موجوده راڻو آهي: هن وقت سنڌس ڪا حڪومت ڪانه آهي ته به برادريءَ وارا کيس گاديءَ جو جاءِ نشين هئڻ ڪري ”راڻو“ سڏيندا آهن.

## ٦- گوڙيءَ جو مندر

اهو مندر، ننگر پارڪر تعلقي ۾ ننگر پارڪر شهر کان ١٤ ڪوهه، ۽ ماروئيءَ جي ماڳ ملير کان ٢ ڪوهه پري آهي. هن کي ”گوڙيءَ جا ڏيهرا“ به چوندا آهن. اتي هڪ جين ڌرم وارن جو عاليشان مندر آهي. ڪئپٽن ايس.اين. ريڪس

خيال ڪيو، ۽ مزور ڪم تي چڙهيائين، پر جون ئا ته تي دفعا ”نه، نه، نه،“ جو غيبي آواز ٿيو، تنهنڪري ڪم بند ڪيو ويو. سگهوئي پوءِ وانسن صاحب وفات ڪئي. ان ڪري ماڻهن جو اهو انومان هيڪاري پڪو ٿي پيو آهي.

انگريز سرڪار جي مرضي ٿي هئي، ته اهو مندر محفوظ ٿيل يادگارن جي ائڪٽ هيٺ آڻجي، پر اوسواڙن انهيءَ تي اعتراض ورتو- پر پوءِ نيٺ سرڪار جي حوالي ڪيائون. هن مندر جوڙائڻ بابت ڪوبه پڪ سان چئي نٿو سگهي ته هي مندر ڪيئن جڙيو. اهي ڳالهيون ڪن ڪتابن ۾ لکيل آهن، ۽ هن پاسي جا ماڻهو به ٻڌائيندا آهن.

هن مندر جي سنه ١٧١٥ع ۾ مرمت ٿي هئي، ان بعد ائين پيو آهي. ليفٽيننٽ ڪرنل ٽروٽ صاحب، ننگر پارڪر جي فساد وقت، هن مندر جي ڪجهه حصي کي بارود سان اڏايو هو، جو شڪ هوس ته هتي سوڍا لکي سازش جون صلاحون ڪن ٿا (١).

## ٧- پارسنات جو پتلو

پارسنات، جين ڌرم وارن جو وڏو ديوتا آهي، جو مشهور مهاتما گرو گورک نات (جو گرنار ۾ رهندو هو) جو چيلو هو. هن پتلي جي ڪهاڻي به عجيب آهي، جا هيٺ ڏجي ٿي:

”پاري ننگر ۾ منگهو نالي هڪ اوسواڙ واپاري رهندو هو. هڪ دفعي، هو واپار سانگي گجرات جي پٽڻ شهر ۾ ويو. اتي هڪ دفعي سپني ۾ ڪو ديوتا ڏٺائين، جنهن چيس ته 'پارسنات' جو هڪ پتلو فلاڻي چاڪيءَ جي گهر ۾ پوريل آهي، سو ڪيئن به ڪري ڪڍائي وڃي ڪنهن مندر ۾ رک، ته ٺاڪر توتي

(١) ”ائمپيري ڪئيٽيز آف سنڌ“، صفحو ١٧٥.

ڀالن پور جي ڪن شاهوڪار هندن، ڳري رقم باسي گوڙيچي کي اوڏانهن ڪٺايو، سڀني گام ۾ مورواڙا ۾ زيارت ڪندا هئا، ۽ پوءِ واپس ويراواهه آڻيندو هو. آٺن ۽ نين وقت زبردست ڀهرو هوندو هو. سڀني گام ۾ ڀهريون ميلو ١٧٦٦ع ۾ لڳو، ۽ مورواڙا ۾ چار ميلا، ١٧٨٨ع، ١٧٩٦ع، ١٨١٠ع ۽ ١٨٢٢ع ۾ لڳا، وري ١٨٢٤ع ۾ ويراواهه ۾ ميلو لڳو. اهڙيءَ طرح اهو پتلو پشت بپشت سوڍن جي قبضي ۾ رهندو آيو. هرڪو، مترو ڏينهن تي ظاهر ڪري، نه ته پوري يا لڪائي رکندو هو. سنه ١٨٣٢ع ۾ اهو پتلو پونجاجي نالي هڪ سوڍي جي قبضي ۾ هو، جنهن جو سنڌ جي ٽالپرن سان تڪرار ٿيو، آخر جنگ لڳي، جنهن ۾ پونجو سوڍو مارجي ويو، ۽ ڪنهن کي به خبر نه آهي ته هن اهو پتلو ڪٿي پوري رکيو هو. اهڙيءَ طرح اهو پت ٤٥٢ ورهين جي گردش بعد هميشه هميشه لاءِ گم ٿي ويو. جيني، ١٩٤٧ع تائين پري پري کان کهي مندر پيئڻ ايندا هئا، جو هيءَ آستان سندن پوتر تيرٿ جي جاءِ آهي.

## ٨- پولن آستان

گوڙيءَ جي مندر جي پرسان هڪ پڪ سرو بُرج ٺهيل آهي، جو "پولن آستان" سڏجي ٿو. چون ٿا ته نئيڙ (جوڌپور پرانت جو هڪ پاڳو) جو راجا پولن نالي راٺوڙ نسل مان هو. هڪ دفعي پاڪر جا ڏاڙيل نئيڙ مان چوپايو مال چورائي آيا هئا، ۽ پڻ ڪي ڳوٺ به ڦُري آيا هئا. راجا پولن واهر ڪري ڏاڙيلن جي پٺيان پيو. انهيءَ هنڌ اچي ڏاڙيلن سان دوبدو مقابلو ٿيو. گهڻي رتو ڇاڻ بعد پولن بهادريءَ سان وڙهندي مارجي ويو. انهيءَ جي يادگيريءَ ۾ اهو ڏيهرو (برج يا چبوترو)، سنه ١٧٤٣ع ۾ جڙيو.

## ٩- ريکوديو جو بت

ويراواهه جي هاٿوکي مندر ۾، جين ڌرم وارن جي مکيه ديوتا ريکوديو جو بت رکيل آهي، جو سنگمرمر مان اڪريل نهايت نفيس پتلو آهي. ڏسڻ سان ائين معلوم ٿئي ٿو ته ڄڻ ڪو ساڌو، ڀڳوان جي ياد ۾ تپشيا ڪري رهيو آهي. هن جي اکين جي جاءِ تي عجيب چمڪندڙ شيشو وڌل آهي، جو اونده ۾ تجلو ڪري ٿو. اهو به پاري ننگر جي سون بتن مان، جن مان ٿورا بچيا آهن، تن مان هڪ آهي. ان جي چوڌاري ڪيتريون پٿر جون مورتون رکيل آهن.

## ١٠- ڀوڏيسر

هيءُ شهر ڀوڏي پرمار ٺهرايو، ۽ اتي هڪ تلاءُ کوٽايو. ڪو وقت هن شهر جو ڏاڍو اوج هو. ان وقت واڻين جا ٻه هزار گهر اتي هئا، جي اصل پاري ننگر جي ڦٽڻ بعد لڏي اتي اچي ويٺا هئا. انهن جا مکي، ڪجل شاهه ۽ وجل شاهه هئا. واڻيو ڀوڏيسر ۾ رهندو هو. ڏياريءَ جي ڏينهن دستور موجب واڻي جي سلام تي ويا، جتي هنن کي عزت ڪانه ملي، تنهن ڪري هنن پاڻ ۾ گڏجي صلاح ڪئي، ته ٻيءَ ڏياريءَ کان اڳ ڀوڏيسر ڇڏيندا سون. انهيءَ وچ ۾ ڳجهه ڳوهه ۾ تياريون پئي ڪيائون. نيٺ ٻي ڏياري آئي، ڏيا ٻاريا ويا، ۽ هي واڻيو رات، ڪيل بندوبست موجب، ٻرندڙ ڏيا ڇڏي، سنه ١٣٨٨ع ۾ لڏي ويا. اهي ڌار ڌار ملڪن سنڌ، ڪڇ، هالار ۽ مارواڙ ڏي پکڙجي ويا، سنڌ ۾ آيل وري ڪي ڪڇ ڏي ويا. ان وقت سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت هئي (١).

---

(١) ڪئپٽن ريڪس جو "ميمائرس آن دي ٿرانڊ پارڪر ڊسٽرڪٽس آف سنڌ" صفحو ١٠-١١-١٢، ٨٥-٨٦.

## ١١- سلطان محمود بيگڙي جي پارڪر تي ڪاهه

سلطان محمود بيگڙو گجرات جو حاڪم هو. هن جي ڪاهه جا، اتهاسن مان هيٺيان سبب معلوم ٿين ٿا: بلوچن جا چار هزار ڪٽنب پارڪر ۾ رهندا هئا، ظاهر نموني اهي مارواڙ ۽ پالن پور جي حدن ۾ اٺن جا ڳلا چاريندا هئا، پر موقعي ملڻ تي گجرات ڏي ويندڙ قافلن کي ڦريندا هئا، ۽ اهو مال اچي ٿر جي پٽن جي ڏوڙن (غارن) ۾ لڪائيندا هئا؛ ۽ پوءِ گجرن، سولنڪين، واگهيلن ۽ ڪڇ جي جاڙيجن کي ڏاڙي جو مال نيڪال ڪندا هئا؛ ۽ وقت جي حاڪمن مان موقعو پائي جنگيون به ڪندا هئا. سندن برخلاف دهليءَ جي تغلق بادشاهن کي دانهون پهتيون هيون، پر انهن کي ايتري فرصت ڪانه هئي جو کين سيکت ڏين.

سلطان محمود بيگڙي جي وقت ۾ اهي بلوچ، سابرمتي ۽ نربدا جي دولتمند شهرن کي لٽڻ لڳا. سلطان جي ڪوتوال جمال الدين کي هنن ڏاڍو تنگ ڪيو؛ جنهن ڪري سلطان پاڻ چڙهائي ڪئي. بلوچ ٢٤ هزار لشڪر سان سامهون ٿيا. جنگ لڳي، جنهن ۾ بلوچن هارايو. سلطان سندن سردارن کي گرفتار ڪري احمدآباد وٺي ويو. سال مس گذريو ته وري قافلا لٽجڻ لڳا؛ جنهن ڪري سلطان ٻيو دفعو سنه ١٥٠٤ع ۾ پارڪر تي ڪاهي آيو، ۽ بلوچن کي ڳولي ڳولي هٿ ڪري گرفتار ڪيائين. هن دفعي غارن مان کيس گهڻو سامان هٿ لڳو، ۽ بلوچن جي سردارن کي جهوناڳڙه وٺي ويو.

## ١٢- پوڏيسر جي مسجد

سلطان محمود بيگڙي جي ڏينهن ۾، مسلمانن جو هڪ قافلو حج تي روانو ٿيو، جنهن ۾ سلطان جي والده شريف به

هئي. آن وقت پارڪر تي سوڍن جو راڄ هو. اهو قانلو جڏهين پارڪر وچان ٿي لنگهيو، تڏهين پوڏيسر جي راڻي، قافلي کي روڪي ڪجهه رقم وٺي پوءِ موڪل ڏني. بيگم صاحبه، حج تان موٽڻ بعد اها حقيقت پنهنجي پٽ سلطان محمود سان ڪئي؛ جنهنڪري هو ڪاوڙجي لشڪر وٺي ڪاهي آيو ۽ سوڍن کي سيڪت ڏيئي موٽي ويو.

انهيءَ عرصي ۾ اتي هڪ ننڍي مسجد شريف ٺهرايائين، جا سنگمرمر جهڙي پٿر جي ٺهيل آهي: آن مسجد جي ديگهه ۽ ويڪر ٣٠ فوٽ کن آهي. اڌ ۾ ٿنڀن سان اڏاوت آهي ۽ اڌ خالي آهي. مٿي قبو آهي، جنهن جو نمونو اهڙو آهي، جهڙو مغلن جي وچٿين سمي ۾ اڏيل مسجدن جو. محراب وٽ هڪ پٿر لڳل آهي، جنهن تي فارسي اکر لکيل آهن، پر منڀال نه هئڻ سبب ڊهي ويا آهن؛ چٽا پڙهڻ ۾ نٿا اچن. البت، محمود شاهه بن مظفر شاهه جو نالو ۽ سال ١٥٠٥ع، پڙهي سگهجن ٿا. هن مان سمجهجي ٿو ته سلطان جي نين ڪاهه، انهيءَ سال ١٥٠٥ع برابر ٨٨٠ هجري=سنبت١٥٦٢ ۾ ٿي (١). اها مسجد پوڏيسر وٽ آهي، جنهنڪري عام طرح "پوڏيسر جي مسجد" سڏجي ٿي. پرسان مقام آهي؛ جو انهن شهيدن جو آهي، جي سلطان محمود جي لشڪر ۾ هئا، ۽ وڙهندي وڙهندي مارجي ويا. مسجد تي لکيل آهي ته جيڪڏهين مسجد زبون ٿي پيئي، ۽ وقت جو حاڪم ان جي مرمت نه ڪرائيندو، ته اهو خدا جو ڏوهاري ٿيندو (٢).

ٿر ۽ پارڪر ۾، عام طرح، ڪي ماڻهو چوندا آهن ته اها مسجد شريف، سلطان محمود غزنويءَ ٺهرائي هئي؛ پر اها

(١) "تاريخ گجرات"، شيخ غلام محمد، صفحو ٧٧؛ ۽ "ڪڇ جو گجراتي اتهاس"، صفحو ٧٠.

(٢) ڪئپٽن ايس. اين. ريڪس جو "حالات ٿر ۽ پارڪر"، صفحو ١٢.

ڳالهه صحيح نه آهي، ۽ اڳتي اُنهيءَ وچان سلطان 'محمود' جي نالي
ڪري غزنويءَ جو يادگار سمجهن ٿا؛ اها مسجد سلطان محمود
غزنوي نه پر سلطان محمود بيگڙي گجرات جي بادشاهه جو
يادگار آهي.

## ۱۳- سيدي علي ريس جو پارڪر جو سفر ۱۵۵٦ع

سيدي علي ريس کي، ترڪيءَ جي سلطان، پورچوگيزن
سان وڙهڻ لاءِ موڪليو هو. هن کي عربي سمنڊ ۾ طوفان
اچي وڪوڙيو ۽ سخت نقصان پهتس، فقط ٿورن جهازن سان گجرات
پهتو، جتي جهاز گجرات جي حاڪم جي حوالي ڇڏي، پاڻ
خشڪيءَ جي وسيلي سنڌ، پنجاب، افغانستان، ٽرانس ڪاڪيزيا،
خراسان، آذربائيجان، ايران ۽ بغداد مان ٿيندو، ۱۵۵٦ع ۾،
قسطنطنيه پهتو. هن کي وسيلي ۾ چار سال لڳا. اهو بيان هن
پنهنجي ڪتاب "مرات الممالڪ" ۾ ڪيو آهي. هتي اسان کي فقط
سنڌ، خاص ڪري پارڪر جو ذڪر ڪرڻو آهي، جو هن
پنهنجي ڪتاب جي ستين حصي ۾ هن ريت لکيو آهي. هن
ڪتاب جو انگريزي ترجمو اي. ويمبري صاحب ڪيو آهي.
هو لکي ٿو ته:

"اسان جي پارٽي، ڏهن ڏينهن جي سفر بعد راجپوتن
جي شهر ننگر پارڪر ۾ پهتي، جتي راجپوتن اسان سان وڙهڻ
شروع ڪيو، پر اسان جي حملي سندن هوش ٺڪاڻي آڻي ڇڏيو.
هنن کي، اسان کان ڏوڪڙن ڇڏائڻ جي نيت هئي. عليءَ کين
چيو ته 'اسين واپاري نه آهيون، اسان وٽ ڪجهه به نه آهي،
سواءِ دوائن ۽ Moure جي، جنهن لاءِ اسان اڳيني ڪسٽم ڏنو
آهي' (مورو هڪ علامت وارو پٽڙ آهي، جو نانگ جي سٽي
۾ ٿيندو آهي). نيٺ ٿوري رقم ڏني ويئي ۽ اسان کي اجازت
ملي. ڏهه ڏينهن واريءَ جي پٽن ۾ پنڌڪري بعد سنڌ جي

نالي پنھنجي حڪومت برپا ڪيائون (۱).

عباسي گورنر عمران، سنہ ۸۳٦ع ۾ ڪڇ جي ميدان ڪي چڱي گوشمالي ڪئي. ھن ۲۲٦ ھجري ۾ وفات ڪئي. ھن جي وفات بعد سنڌ ۾ طوائف الملوڪي شروع ٿي ويئي، ۽ عربي خليفن جو ڪوبہ اثر سنڌ ۾ نہ رھيو. جدا جدا ٽڪرن تي ھندو ۽ مسلمان رياستون قائم ٿي ويئون. اھڙيءَ طرح، ٿر ۽ ننگرپارڪر واري حصي ۾ مڪواڻا راجپوتن پنھنجي حڪومت قائم ڪئي.

ٽاڊ صاحب مڪواڻن کي راجپوت جاتيءَ جو نٿو ليکي. ھو لکي ٿو تہ

”ھي قبيلو ھن وقت سوراشٽر پيٽ جو رھاڪو آھي. پاڻ کي راجپوت سڏائين ٿا، ليڪن ھي راجپوت نہ آھن.“ (۲) مٿين احوالن موجب مڪواڻا، جي اڄ پاڻ کي راجپوت سڏائين ٿا، سي دراصل گريڪ نسل مان آھن.

## ۱۷- ڪيرٽي جي حڪومت

ٿر ڊويزن جي مٺي تعلقي ۾، مٺي شھر کان ۸ ميل ڏکڻ طرف ”ڪيرٽي“ جو ڳوٺ آھي، جنھن ۾ ھن وقت راجپوت ۽ ميگھواڙ رھن ٿا ۽ ننڍڙو ڀھراڙيءَ جو ڳوٺڙو آھي. مگر ڪو وقت اڳ، اھو مشھور شھر ھو ۽ حڪومت جي گاديءَ جو ھنڌ ھو. ھن وقت بہ پراڻا کنڊر ۽ قلعي ڪوٽ جا نشان اڳئين اوج جي ياد تازي ڪري رھيا آھن. ھڪ تلاءُ آھي، جنھن جي پرسان ڪٽين جو شاھي پاڙو ھو. ھن ڪي اڄ ڏائين اتي جا ماڻھو ”ڪٽين جو تلاءُ“ چوندا آھن. گجراتي اتھاس

(۱) ”ھسٽري آف ڪاٺياواڙ“، وليم ولبر فورس بيل؛ صفحو ٦٦.
(۲) ”ٽاڊ راجستان“، انگريزي؛ جلد پھريون، صفحو ۷۸.

ٿون ۽ عام مڪاني ماڻهو اڄ ڏانهن انهيءَ نالي سان سڏيندا آهن. انهيءَ ڍِهر ۾ هڪ تلاءُ آهي، جو چون ٿا ته واءُ لاڪي کٽايو هو، جنهن ڪي اڄ "مهر جو تلاءُ" چوندا آهن.

مڪاني ماڻهو، مهر راڻي ۽ واءُ لاڪي جي آڪاڻي آور نموني ۾ ڪندا آهن، جا مون به ٻڌي آهي، مگر اها اهڙي آهي، جنهن تي اعتبار ڪري نٿو سگهجي. جنهنڪري اهڙي ڏند ڪٿا هتي بيان ڪرڻ واجب نه سمجهي وئي آهي.

# باب نائون

## ڪلهوڙن جي حڪومت

### ۱- ميان نور محمد ڪلهوڙو (۱۷۳۶-۱۷۵۵ع)

سنڌ ۾ سومرن کان پوءِ سمن، ترخانن، ارغونن ۽ دهليءَ جي نوابن حڪومت ڪئي، ته به ٿر ۾ سوڍا خودمختار حاڪم هئا. جڏهين ڪلهوڙن جي حڪومت ٿي، تڏهين ڀريائين سوڍا خود مختار هئا. نادر شاهه جي ڪاهه کان پوءِ ميان نورمحمد عمرڪوٽ جي سوڍن کي ناليءَ ماتر پنهنجي تابع ڪيو، ۽ اتي سنه ۱۷۴۲ع ۾ قلعو جوڙايو. پر نادر شاهه جي موٽي وڃڻ بعد، سوڍا وري ميان جي تابعداري نه مڃڻ لڳا، جنهنڪري، ميان وري ۱۷۵۰ع ۾ ڪاهه ڪري، عمرڪوٽ جو قلعو ۽ پيو به ڪيترو ٿر جو ڀاڱو پنهنجي قبضي ڪيو.

**سوڍن جو ٿر ۾ پکڙجڻ:** ميان نورمحمد جي ڪاهه بعد، سوڍن ۾ ڀاڃ پيئي، ۽ هو ٿڙي پکڙي، ٿر جي پٽن ۽ ڏهرن ۾ ڳوٺڙا ٻڌي وڃي رهيا. انهيءَ ڀاڃ کان پوءِ به، ٿري ماڻهو عمرڪوٽ جي راڻي کي پنهنجو حاڪم ڪري ليکيندا هئا. ڪلهوڙن پوءِ ڍلن اڳاڙڻ تي زور وکيو، ۽ ويڙهاوا تائين ويا، پر وريو ڪي ڪين. ملڪ ۾ شانتي آڻي نه سگهيا، تڏهين لاچار ٿي راڻن ني ڪجهه ڍل ٻڌي، ٿر جي حڪومت وري به عمرڪوٽ وارن راڻن جي حوالي ڪيائون. هاڻي ٿر

۽ سوڍا پکڙجي ويا هئا، ڪيترا نوان ڳوٺ ٻڌائون: هاٿوڪن شهرن چيلهاو، مٺي، ڏيپلي، اسلامڪوٽ وغيره جو بنياد انهيءَ وقت کان شروع ٿيو. ان بعد ڪيترين قومن، مارواڙ کان لڏي، اچي ٿر ۾ سوڍن جي اجهي هيٺ رهيون، جن جو اولاد اڄ تائين ٿر ۾ رهي ٿو.

ٿر ۾ سوڍن جون ڪيترين ذاتيون آهن. سوڍا پنهنجيون ذاتيون، پنهنجي وڏي ڏاڏي جي نالي پٺيان چوائيندا آهن- جن مان ڪن جو تفصيل هيٺين موجب آهي:




(١) سرتاڻ سوڍا: عمرڪوٽ، ويسوني، پوچراجيوءَ ڪناري، امرهار، ڪاٺي، جاگوڙو، نوهراڙيو، ۽ هين ڪن ڳوٺن ۾ رهن ٿا.

ڏيئي پنهنجو ڪري، تنهن کان اڳ- ياڻجيءَ کي سندس باديگارڊ ٻرهمڻ جي غير حاضريءَ ۾، جگسال جي پرمان سوناري جي ڪوٺڙيءَ ۾ چونپڙ واند ڪندي، ڪيس ترار هڻي ماري وڌو، ۽ ساڳئي وقت هٿلايائين ته اجا ٻه ٻين ڄڻن پنجن جو خون ڪندس. سڄي شهر ۾ هراس ٿي ويو. هر ڪنهن مخالف پارٽيءَ جي ماڻهوءَ سمجهيو ته متان آءٌ ٻه انهن مان هجان، تنهنڪري انند سنگ جي خوشامد ڪري، سرڻ کان بچڻ لاءِ، هرڪو ڪجهه رقم انند سنگ کي ڏيندو ويو. انهيءَ انڪل مان جلدئي هن چار-پنج هزار رپيا گڏ ڪيا، جي کڻي سڌو حيدرآباد ويو، نئين حاڪم کي نذرانو ڏيئي پنهنجو ڪري آيو، ۽ ياڻجيءَ جو خون ڪيس ڦٻي ويو.

ياڻجيءَ کي هڪ پٽ 'ڪپورو' نالي هو، جو وڃي مسلمان ٿيو. ان جو پوٽو 'ڏولو' نالي ٿيو، جو پنهنجو ڏار ڳوٺڙو ٻڌي وڃي رهڻ لڳو- جنهن کي "ڏولي جي ويري" ڪري سڏين ٿا- جتي سندس پويان "ڪپورا مسلمان ٻجير" رهن ٿا.

مياں سرفراز کي جيل وڃڻو پيو، ان کان پوءِ جيڪي ڪلهوڙا حاڪم ٿيا، تن جي ڏينهن ۾ ڪا خاص ڳالهه ڪانه ٿي. نيٺ مير ٻجر خان جي مدد سان، ميان عبدالنبي خان ڪلهوڙو سنڌ جو حاڪم ٿيو.

## ۵- ميان عبدالنبي ڪلهوڙو

ميان سرفراز خان وٽ مير بهرام خان ۽ واڇو ليڪي وزير هئا. مير چڱو مڙس هو، جنهنڪري واڇو ليڪي، ميان جا مير جي برخلاف ڪن ڀرڻ لڳو. مير جان جو خوف سمجهي پنهنجي پٽ مير ٻجار خان کي حج تي روانو ڪيو. ان جي وڃڻ بعد ميان، مير کي سنه ۱۷۷۵ع ۾ مارائي ڇڏيو.

ڪونه ويلو، پر ميان غلام نبيءَ جي پاڻ ميان عبدالنبيءَ کي
گاديءَ تي وهاريو.

مير بجر خان ڪپري تعلقي جي ڏنگ وٽ، هاڻوڪي
خيرپور رياست جي حد ۾، ڳوٺ پيراڻو ۾ قلعو ٺهرايو، جا
ڳالهه جوڌپور جي راجا بجيه سنگ کي ڏکي لڳي، جنهنڪري
مير جي برخلاف خيال ڪرڻ لڳو.

## مير بجر خان جو موت، ١٧٨٠ع: ميان عبدالنبي،

مير بجر خان جي وڌندڙ طاقت مان خوف سمجهيو، جنهنڪري
مير کي ماراڻڻ لاءِ، جوڌپور جي راجا بجيه سنگ سان صلاح
ڪري مدد گهريائين. ان موجب، ۵ نومبر ١٧٧٩ع=١٨٣٦
سنبت=١١٩٣هه جي ۾ راٺوڙ سردار هرنات سنگ ۽ محڪم سنگ،
راجا جي طرفان مير وٽ خداآباد ۾ وڪيل ٿي آيا - جن
ڪجهه وقت کان پوءِ هندي ٻوليءَ ۾ ڪي ڪاغذ مير وٽ
پيش ڪيا ته اهي ميان عبدالنبيءَ تنهنجي برخلاف راجا کي
لکيا آهن، ۽ پيون به ڪي ڳالهيون راجا چيون آهن، جي
توهان کي اڪيلو ٻڌائڻيون آهن. اهڙيءَ طرح هي مير جي
ويجهو وڃي ڳالهيون ڪرڻ لڳا، ۽ وجهه وٺي ڪيس هڪ ڇٽي
ڪٽڪ ۾ پالو هنيو ۽ ٻئي ترار جو وار ڪيو. ڦتيل مير
ترار سان هڪڙي کي ماري وڌو ۽ ٻيو ڀڄي ويو، ۽ انهن جي
ٻن نوڪرن کي، مير جي نوڪرن ماري وڌو، پوءِ مير پاڻ
مري ويو. انهيءَ ٿان اڄ ڏائين سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته "ڪن
جي ڳالهين مير بجر خان ماريو."

مير جي مرڻ بعد، سنڌس پٽ مير عبدالله خان لشڪر
وٺي ميان تي ڪاهي آيو. ٻه مهنا خداآباد کي گهيرو ڪري
ويٺو. آخر ميان هڪڙي رات جو باغ جي دريءَ مان، وجهه
وٺي، ڪٽنب سوڌو ڀڄي ويو. سندس شهزادا ۽ بيگمون، مهني
ڦڳڻ سنبت ١٨٣٦ برابر سنه ١٧٨٠ع ۾ پوڪرڻ جي رستي

وغيره، ۽ منجهن مير مهراب خان، مير باگو خان، مير الهيار خان مير نارو خان، نواب ولي محمد خان لغاري، قيصر خان نظاماڻي، زنگي خان مري، خيرو خان جمالي، اسماعيل خان کنڀاڻ، پيرو خان ڪوڪر، فقيرو، طاهر ۽ عرضي نامور سرڪردا هئا.

هالاڻي جي ميدان تي سنه ١٧٨٢ع ۾ خونخوار جنگ لڳي. محمد حسن ڪلهوڙ ۽ ٻيا ناليرا جنگي جوان مارجي ويا ۽ لشڪر ڪيترو منو ۽ ڀيو چڙوچڙ ٿي ويو. ڪلهوڙن جي هار ٿي، ۽ ميا جوڌپور ڏي ڀڄي ويو. ميرن اها لڙائي کٽي ۽ سنڌ جا حاڪم ٿيا. مير فتح علي خان اتان ٿي نوشهري فيروز ۾ آيو، جتي سرڪردن ۽ سپاهين کي انعام ڏنائين. جيڪي قومون ڪلهوڙن سان شامل ٿي ميرن سان وڙهيون هيون، تن جا اڳوان به اچي مير صاحب جي پيش پيا، جن کي به مير صاحب عزت ۽ مان ڏيئي روانو ڪيو. ۽ سڄي سنڌ جي حڪومت پنهنجي هٿ آندي.

# باب ڏهون

## ٽالپرن جي حڪومت

### مير فتح علي خان (١٧٨٣ــ١٨٠٢ع)

ڪلهوڙن کان سنڌ فتح ڪري، مير فتح علي خان، سنه ١٧٨٣ع ۾ سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو هو، حڪومت ۾ پنهنجا ٽي ڀائر، مير ڪرم علي خان، مير غلام علي خان ۽ مير مراد علي خان به شامل ڪيا: جنهن ڪري "چهرين چوياري" چون ٿا. ان وقت عمرڪوٽ تي جوڌپور جي مهاراجا جو قبضو هو.

سنه ١٧٨٦ع ۾، مير سهراب خان جو پيءُ مير غلام محمد خان ٣٠٠ ماڻهن سان ٿر ڏي شڪار لاءِ روانو ٿيو. واٽوڙن اڳرائي ڪري ڏهن هزار ماڻهن سان مٿس حملو ڪيو. انهيءَ لڙائيءَ ۾ مير صاحب ۽ سندس گهڻا ماڻهو مارجي ويا. انهيءَ تي مير سهراب خان ماڻ، ۽ مير فتح علي خان جي مدد سان، عمرڪوٽ تي ڪاهي آيو، ۽ سندس لشڪر عمرڪوٽ شهر ۽ پرڳڻي ۾ ڦرلٽ ڪئي. ڪجهه عرصي بعد، جوڌپور جي مهاراجا ۽ سنڌ جي ٽالپرن (مير فتح علي خان) جي وچ ۾ هيٺيون عهدنامو ٿيو.

١ـ ميرن جي ڪنهن به دشمن کي جوڌپور جو مهاراجا پناهه نه ڏيندو، ۽ مهاراجا جي دشمن کي مير پناهه نه ڏيندا.

٢ـ جڏهين جڏهين ميرن کي مهاراجا جي لشڪر جي

ضرورت ٿيندي، تڏهين مهاراجا کين اهڙي مدد ڏيندو. مگر ان لشڪر جو خرچ جوڌپور کان رواني ٿيڻ جي تاريخ کان وٺي مير پريندا، اهڙيءَ طرح جڏهين مهاراجا کي ميرن جي لشڪر جي مدد گهربل ٿيندي، تڏهين مير کيس گهربل مدد ڏيندا، ۽ لشڪر جو خرچ حيدرآباد کان رواني ٿيڻ جي تاريخ کان مهاراجا پريندو.

٣- اسين انجام ٿا ڪريون ته اسان جو عمرڪوٽ ۽ ان سان لاڳو ڳوٺن تي جو حق آهي، تنهن تان دست بردار ٿيون ٿا، ۽ مهاراجا انجام ٿو ڪري ته سنڌ جي واج تي ڪاهه نه ڪندو. ميان عبدالنبي ڪلهوڙي سان مهاراجا اهو ملوڪ ڪندو، جيڪو سنڌ وڪيل آنند مل ۽ خانداس جو پاڻ ۾ فيصل ٿيل آهي.

٤- جڏهين جڏهين ميرن کي مارواڙ ۾ وڃڻ جي ضرورت ٿيندي، تڏهين مهاراجا کين سندن مرضيءَ موجب پسند ڪيل هنڌ تي وڃڻ ڏيندو.

٥- ڏٽيءَ جي مهرباني سان جوڌپور ۽ حيدرآباد، سچي دل سان دوست ٿيا آهن، ۽ آئينده به اهڙيءَ طرح سان رهندا، انهيءَ ۾ هڪ وار جو به تفاوت نه ٿيندو.

اهو عهدنامون سنه ١٨١٣ع تائين قائم رهيو.

باقي ٿر ۾ سوڍا وري به خود مختيار ٿي رهڻ لڳا، ۽ جيڪو ڏن ڪلهوڙن کي ڏيندا هئا، سو ميرن کي ڏيڻ بند ڪيائون. مير فتح علي خان ڏٺو ته مختيءَ کان سواءِ سنوت ڏيڻ وارا ڪونه آهن، تنهنڪري هن پهريائين سوڍن تي حشمت ڄمائڻ، ۽ ساڳئي وقت پنهنجي بچاءَ لاءِ، ٿر ۾ جدا جدا هنڌن تي قلعا ٺهرائڻ شروع ڪيا: پهريائين مٺيءَ وارو قلعو ١٧٨٩ع ۾ ٺهيو. ان بعد وري ٿورا سال پوءِ ١٧٩٥ع ۾ اسلامڪوٽ وارو قلعو ٺهيو، پوءِ ڇيلهار جو قلعو، ۽ سال ١٨٠٠ع ۾ سينگاري

مير ڪرم علي خان کي درخواست ڪيائين، جا هن قبول ڪئي. راجپوتن جي ڪمزوريءَ جو به پتو هوس. تنهنڪري مير ڪرم علي خان وڏو لشڪر نواب ولي محمد خان ۽ طاهر خدمتگار جي هٿ هيٺ، عمرڪوٽ تي چاڙهي موڪليو. هوڏانهن مير سهراب خان به پنهنجو لشڪر سيد گولي شاهه جي سرڪردگيءَ هيٺ چاڙهي موڪليو. جوڌپور جي راجا، مير خان روهيلي کي روهيلن ۽ راجپوتن جو لشڪر ڏيئي عمرڪوٽ ڏي ٿي موڪليو، پر مير ڪرم علي خان هڪ لنبو پارسي نظم ۾ خط لکي ميرخان ڏي موڪليو - جنهن ۾ شرمايائينس ته، 'تون مسلمان ٿي ڪري، راجا جي طرفان، اسان مسلمانن سان ڪيئن ٿو جنگ ڪرين.'

انهيءَ خط مير خان تي ايترو اثر ڪيو، جو عمرڪوٽ تي ڪاهڻ کان راجا کي جواب ڏنائين، ۽ مسلمانن مان وڙهڻ بدران، سپه سالاريءَ تان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار ٿيو. تنهنڪري راجا ٻين راجپوت سپه سالارن جي هٿ هيٺ لشڪر موڪليو، جي اڳ ۾ ئي اچي عمرڪوٽ جي قلعي ۾ ويهي رهيا. ميرن جي لشڪر اچي قلعي کي گهيرو ڪيو. نواب ۽ طاهر، قلعي کي سرنگهه هڻائي ان ۾ باروت ماڙايو، جنهنڪري قلعي جي پٽ ڪري پيئي. پوءِ ته ميرن جو لشڪر اندر ڪاهي پيو. راجپوتن جي لشڪر مان ڪيترا ماريا، ڪي گرفتار ٿيا ۽ ڪي ڀڄي ويا. عمرڪوٽ جو قلعو ميرن فتح ڪيو، جو پوءِ سندن هٿ ۾ رهندو آيو (١). اهو واقعو سنه ١٨١٣ع ۾ ٿيو.

سنه ١٨١٤ع ۾ مير ڪرم علي خان نئين ڪوٽ ۾ قلعو ٺهرايو، جو سالم حالت ۾ اڃا تائين بيٺو آهي. ميرڪرم علي خان سيني قلعن ۾ مضبوط انتظام ڪري، ڏيپلي، سامروٽي ۽ پارڪر

(١) "سنڌ جو شاهنامو"، صفحو ٩٠.

ميجر آئوٽرام پاڻ بچائي پچي سر چارلس نيپئر سان وڃي گڏيو، جو حيدرآباد اچي وهيو هو. هن کي ته اهو بهانو کپندو هو. جنرل نيپئر حيدرآباد ڏي ڪاهي آيو. ميرن جو لشڪر مياڻيءَ وٽ ١٧- فيبروري ١٨٤٣ع جي انگريزن جي لشڪر جي سامهون ٿيو، جنگ لڳي، جنهن ۾ ميرن هار کاڌي. ٨ - فيبروري ١٨٤٣ع جي مير، جنرل وٽ وڃي پيش پيا. ٢١- فيبروري ١٨٤٣ع جي جنرل نيپئر حيدرآباد جي قلعي تي 'يونين جئڪ' جهنڊو چاڙهيو. مير نصير خان، مير شهداد خان مير حسن علي خان، مير صوبدار خان ۽ مير محمد خان کي گرفتار ڪيو ويو.

هن لڙائيءَ جو پڌي، ميرپورخاص وارو مير شير محمد خان، "شير سنڌ" پيش نه پيو، ۽ ١٢ هزار فوج وٺي لڙائيءَ لاءِ نڪتو. دبي جي ڳوٺ وٽ، مارچ ١٨٤٣ع جنگ لڳي. مير شير محمد خان هارائي پنجاب طرف مدد هٿ ڪرڻ لاءِ ويو، ۽ سندس ڀاءُ مير شاهه محمد خان گرفتار ٿيو.

مير شير محمد خان پنجاب مان قنڌهار ويو، مگر ڪٿان به مدد نه ملڻ ڪري، موٽي اچي پنجاب جي ليفٽيننٽ گورنر وٽ پيش پيو. انگريزن سيني ميرن کي ڀهريائين بمبئي، پوءِ ۽ پوءِ ڪلڪتي روانو ڪيو، جتي مير نصير خان، سنڌ جو آخرين تاجدار، هزاري باغ ۾، ١٢٦١ هجري مطابق ١٨٤٥ع جي وفات ڪري ويو. مير صوبدار خان، مير محمد خان، ۽ مير شهداد خان به هڪ ٻئي پٺيان رحلت ڪري ويا، سندن لاش سنڌ ۾ آڻي دفن ڪيا ويا. پين ميرن کي ١٢ سالن بعد سنڌ ڏي اچڻ جي اجازت ملي، جن مان ڪن کي جاگيرون ۽ پينشنون مليون. مير شير محمد خان به موٽي آيو، جتي کيس پينشن ملندي هئي. سنه ١٨٦٧ع ۾ عمرڪوٽ ۾ مسٽر مانسفيلڊ ڪمشنر سنڌ، دربار ڪئي— جتي کيس "ستاره هند" جو تمغو ۽ "سر" جو خطاب مليو. هي مير صاحب ١٢٩٤هه=

١٨٧٧ع ۾ پنهنجي وطن ميرپورخاص ۾ گذاري ويو.

١٢- مارچ ١٨٤٣ع جي، لارڊ ايلنبرو وائسراء هند جي شاهي اعلان سان، سنڌ انگريزي حڪومت سان ملائي وئي، جنهن ڪري ٿر وارو پاڱو به انگريزن جي هٿ آيو.

# باب ٻارهون

## انگريزن جي حڪومت

سنه ١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ جي حڪومت، ٽالپرن کي مياڻيءَ جي لڙائيءَ ۾ شڪست ڏيئي، هٿ ڪئي. ان وقت ملڪ ۾ وڳوڙ پنهنجي ويو. خاص ڪري ٿر ۽ پارڪر ۾ سوڍا سولائيءَ سان آڻ مڃڻ وارا ڪين هئا. گورنمنٽ پنهنجي قبضي ڪرڻ لاءِ پنهنجا عملدار مقرر ڪيا. ۽ پوءِ سنه ١٨٤٤ع ۾ پارڪر ۽ ڪنڊو يعني ٻلهياري، ڏيپلو، مٺي، اسلامڪوٽ، سينگارو، ڦيٽاپور، ويراواهه، آڏيگام، مام چيرو، ڀرائو، چوڙيو ۽ ماڪرويرو وغيره ڳوٺ ڪڇ جي اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ جي چارج ۾ ڏنائون؛ باقي ملڪ گيڙو، ڇاڇرو، چيلهار ۽ ٻيو ٿر جو ڀاڱو، عمرڪوٽ سوڍو، حيدرآباد ضلعي سان لڳائي ڇڏيائون. ان وقت عمرڪوٽ تعلقي ۾ ڇاڇرو، چيلهار، ڏاهلي، کينسر، گيڙو، جهڏو، ڏينگاڻ، نئون ڪوٽ، جيمس آباد، پريجي، شادي پلي، جهڙپي، غلام نبي شاهه، ڏڙيلو ۽ ڪنڊياري وغيره ڳوٺ پڻ هئا؛ اها حد ميرپورخاص جي ڊپٽي ڪليڪٽر کي ڏنائون.

پارڪر ۽ ٿر وارو ڀاڱو، جو ڪڇ سان لڳايل هو، سو ١٨٤٣ع کان ١٨٥٤ع (١) تائين، اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ

---

(١) "سنڌ گزيٽيئر"، مسٽر ائٽڪن بحواله "هسٽري آف اٿلمينيشن"، جلد ڀهريون.

جي هٽ هيٺ هو. پهريون ايجنٽ ڪئپٽن اسٽنلي نيپئر
ويڪس هو، جنهن جو هيڊڪوارٽر پڇ (ڪڇ اسٽيٽ) ۾ هو.
برساتي موسم ۾ ڪڏهين ڪڏهين مٺيءَ ۾ به رهندو هو،
جتي خاص بنگلو ٺهيل هوندو هو، جو هاڻي ڊهي ويو آهي.
هينئر ان هنڌ هڪ مهيشوري اتم چند کيتارام جي جاءِ آهي.
اهو بنگلو هاٽوڪي ڏيارام جي ڏوم شالا جي اتر طرف هو.
سنه ۱۸۵۸ع ۾ ٿر وارو پاڳو حيدرآباد ضلعي سان گڏيو ويو.

سنه ۱۸۶۰ع کان، ۱۸۷۳ع تائين ليفٽيننٽ ڪرنل ٽروٽ
ٿر ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ ٿي رهيو
۽ هن پاڳي کي "ايسٽرن سنڌ فرنٽيئر" جو نالو ڏنو ويو.
ٿر ۽ پارڪر وارو ٽڪرو به، ۱۸۵۸ع ۾ حيدرآباد ضلعي سان
لڳائڻ بعد، ٽروٽ صاحب جي ٿي جي هٽ هيٺ آيو. هن جو
هيڊڪوارٽر عمرڪوٽ ۾ هو. ٽروٽ صاحب ۱۸۷۳ع تائين
رهيو. ان بعد ليفٽيننٽ ڪرنل آر. آءِ ڪرافورڊ آيو، جو ۱۲
سال ضلعي جو سربراهه رهيو. ان جي وڃڻ بعد مسٽر وانسن
آيو، جو هڪ سال رهيو. ان کان پوءِ ڊاڪٽر پالن آيو، جنهن
مٺي، ڇاڇري، ڏيپلي ۽ ننگر پارڪر ۾ بزاريون ٺهرايون، جي
هاڻي ڊهي ويون آهن- پر انهن جاين جا اڄ تائين نشان آهن:
مٺيءَ ۾ ڊسٽرڪٽ بنگلي، مرداڻي پرائمري اسڪول ۽
هاءِ اسڪول جي وچ ۾، انهيءَ بازار جي ڊٺل جاين جا نشان
بيٺا آهن. ننگر پارڪر ۾ ڊٺل جايون به آهن، انهيءَ کي "پالن
بازار" چوندا هئا. هن جي وقت ۾ عمرڪوٽ ۾ مهاراڻي وڪٽوريا
جي جبليءَ وقت، سنه ۱۸۸۷ع ۾، شاهي دربار ٿي.

سنه ۱۸۸۲ع ۾ هي ضلعو انتظامي لحاظ کان حيدرآباد ضلعي
کان ڌار ڪيو ويو، ۽ مٽس ڊپٽي ڪمشنر مقرر ٿيو. ان وقت
منجهس هيٺيان ست تعلقا هئا: عمرڪوٽ، ناوو، سانگهڙ، مٺي،
ڇاڇرو، ڏيپلو ۽ ننگرپارڪر. انهن ۾ پڻ تعلقا شامل ڪيا ويا،

هٿ هيٺ رهي. پهريون ڪمشنر مسٽر پرنگل هو، جو بمبئي جي گورنر جو زبردست هو. اهو عهدو هلندو آيو. سنه ١٩٣٥ع جي، گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ موجب وري سنڌ بمبئي کان ڇني ڌار علائقو ڪيو ويو، ۽ اپريل ١٩٣٦ع کان گورنر صاحب مقرر ٿي آيو. پهريون گورنر سر لانسيلاٽ گرهام هو. اهو عهدو هاڻي هليو اچي. گرهام صاحب کان پوءِ سر هيوڊو، پوءِ سرفرانسز مڊي، پوءِ شيخ غلام حسين هدايت الله (پهريون سنڌي مسلمان بئريسٽر). سنه ١٩٤٧ع ۾ پاڪستان ٿيو. پوءِ جسٽس دين محمد صاحب آيو، پوءِ مسٽر امين الدين، پوءِ جسٽس ڪانسٽنٽائين (سنڌ چيف ڪورٽ جو چيف جج) ڪجهه وقت رهيو، ان بعد مسٽر حبيب ابراهيم رحمت الله صاحب آگسٽ ١٩٥٣ع ۾ گورنر مقرر ٿيو ۽ ان بعد نواب افتخار حسين ممدوٽ گورنر ٿيو. ١٤- آڪٽوبر ١٩٥٥ع تي سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان صوبن کي ملائي مغربي پاڪستان صوبو بنايو ويو.

## مهاراجا جوڌپور جي عمرڪوٽ هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوشش

انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ بعد، جوڌپور جي مهاراجا تخت سنگ، انگريزن سان ٿيل عهدنامن: ١٨١٨ع، ۽ ٢٤ سيپٽمبر ١٨٣٩ع موجب، عمرڪوٽ جو قلعو ۽ پر وارو ملڪ ڪانئن، طلب ڪيو، تڏهين سرڪار کين جواب ڏنو ته عمرڪوٽ جو قلعو اسان جي گهڻي ڪم ايندو، ۽ انهيءَ قلعي مان اوهان کي ڪنهن خاص فائدي ٿيڻ جهڙي ڳالهه ڪانهي. ازان سواءِ، اوهان انهيءَ ضلعي ۾ امن امان قائم رکي نه سگهندؤ، انهيءَ ڪري قلعو ۽ ضلعو اسان جي ئي قبضي ۾ رهندا. توهان کي انهيءَ ڪري جيڪو نقصان پوندو، سو پيري ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. سرڪار جي اهڙيءَ رڪائيءَ واري نيتيءَ تي مهاراجا

آهي. اسان جي خواهش آهي ته اسين برٽش گورنمينٽ جي زير مايه رهون، ۽ نه جوڌپور حڪومت جي. جنهن وقت جوڌپور جو راجا عمرڪوٽ جو والي هو، ان وقت فقط قلعو سندس حوالي هو، باقي چوڌاري زمين جا مالڪ اسين هئاسون، ۽ اسان کي اميد آهي ته اها اسان ضرور حاصل ڪنداسون(١).
تاريخ ١٦ سيپٽمبر ١٨٤٣ع

صحيح راڻو مهراج (عمرڪوٽ)، صحيح سولجي ۽ شاسنگ سوڍو (چاچرو)، صحيح اڪيراج ۽ مانسنگ سوڍو (ڇيلهار)."

آخر ۾ گورنمينٽ آف انڊيا جي انڊر سيڪريٽري مسٽر ڊبليو. ايڊورڊس، پنهنجي ليٽر نمبر ٥٠٧ تاريخ ١٤- مارچ ١٨٤٥ع ۾، ڪئپٽن اي. آء. برائون سيڪريٽري سنڌ گورنمينٽ کي لکيو، جنهن ۾ عمرڪوٽ جو آخرين فيصلو هن ريت ڪيل آهي ته

"اوهان جي هليل لکپڙهه مان معلوم ٿئي ٿو ته عمرڪوٽ جو قلعو جوڌپور جي راجا جو حق نه آهي" (٢).

## راڻو رتن سنگ

انگريزن جي حڪومت جي شروعات ۾ ملڪ ۾ وڳوڙ هو. سوڍا سولائيءَ سان آڻ مڃڻ وارا ڪين هئا. ان وقت ٿرپارڪر جو حاڪم تروٽ صاحب هو. هن صاحب نهايت سياڻپ ۽ نياءَ سان ملڪ ۾ امن امان قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪيس خبر ملي ته ٿر ۾ سوڍا بنا ليسن هٿيار رکن ٿا، ڪراڙن

(١) "سليڪشنس فرام دي پريميوٽني رڪارڊس آف دي ڪمشنر اِن سنڌ"، جلد VIII، ڊسٽرڪٽ ٿرپارڪر، صفحو ٣١٢.

(٢) "سليڪشنس فرام دي پريميوٽني رڪارڊس آف دي ڪمشنر اِن سنڌ"، جلد VIII، ڊسٽرڪٽ ٿرپارڪر، صفحو ٣٣٨.

جا گير ڏني ويئي، جا عمرڪوٽ کان ۵ ميل اتر طرف ڳوٺ ڪاروڙي کان ۲ ميل پنڌ تي آهي، جنهن جي ايراضي ۰۲۰-۹۳۸۵ ايڪڙ آهي ۽ جنهن جي ڍل پڻ معاف آهي، مگر آباد ايراضي جو حقابو (پاڻي جو عيوضو) ۽ لوڪلفنڊ ڏيڻا پوندا آهن. هن وقت آتي موجوده راڻو چندر سنگ پٽ ارجڻ سنگ وهندو آهي ۽ ڳوٺ "راڻو جاگير" سڏجي ٿو.

مهيشورين کان وهاڻ وقت ملندڙ "ماڙهي جي پنڌياڻ" جي عيوض ساليانو ۴۰۰ روپيا خراج شاديءَ جو پڻ منظور ڪرائي ڏنائين، جو هميشه ملندو هو، جي هو پاڻ ۾ حصا ڪري ورهائي ڪندا هئا.

۴۰۰ روپيا ماڙهيءَ جي عيوض، ۽ زمين ۽ ڍلن جي عيوض ڍل معاف وڏي جاگير عنايت ڪرڻ کان پوءِ، تروٽ صاحب پانيو ته راڻو رتن سنگ هاڻي خوش ٿيو هوندو، سو کيس گهرائي چيائين ته هاڻي ته اوهين خوش آهيو؟ راڻي رتن سنگ وراڻي ڏني ته سرڪار جي مهرباني لاءِ آءُ سرڪار ۽ اوهان جو ٿورائتو آهيان، مگر هڪ ڳالهه به چوندس، جي سرڪار جي مرضي هجي ته چوان. تروٽ صاحب کيس چيو ته بلاشڪ چئو.

راڻو چوڻ لڳو ته اوهان جي حڪومت هوندي به اجا اسان جو واسطو آهي، تنهنڪري اهڙي ڪا ڳالهه ڪريو جنهن مان ڪراڙ ۽ پيا ماڻهو سمجهن ته انگريز سرڪار جي صاحبي هوندي به اسان راڻن جو حڪومت ۾ ڪجهه واسطو آهي. تروٽ صاحب اها به ڳالهه منظور ڪئي ۽ ٿر ۾ جيڪو نول (سونگي) يا ڪسٽم ڊيوٽي اگهرندي هئي ان جو حصو ۷-۱۳-۹۸ رپيا به ڏيارايائين، اهو سونگ جيتوڻيڪ ٿورو هو ته به راڻن انهيءَ رقم ملڻ ۾ پنهنجو شان ٿي سمجهيو. اهي ۴۰۰ رپيا ماڙهيءَ جا ۽ ۷-۱۳-۹۸ رپيا ڪسٽم ڊيوٽي جي عيوض، يعني

زمين حياتيءَ تائين معافي (١).

مهاوجي جي مرڻ بعد "چاوهر" يعني چئن هاوين جي آباد ڪرڻ جيتري زمين سندس پن زالن کي حياتيءَ تائين معافي هئي. انهن جي مرڻ بعد اولاد نه هئڻ ڪري اها معافي رد ٿي.

هنس پوري بائي کي جبل جي سموري پيدائش حياتيءَ تائين معافي ملي. مرڻ بعد سندس اولاد ڪونه هو. هن لڙائيءَ ۾ ذات جي ڪيترن سوڍن سرڪار کي مدد ڪئي، جن کي به جاگيرون ۽ معافيون ۽ پروانا مليا.

لاڌو مينگهواڙ جنهن تروٽ صاحب کي پناهه ڏني هئي، تنهن کي به معافي ۾ زمين ٽڪر مليو، جو هيئنر سندس پوٽي واگهلي مينگهواڙ جي نالي آهي، جو اڃا حيات آهي.

راڻي ۽ وزير پنهي تي راڄدوهي جو مقدمو هليو، جو سال ١٨٦٠ع ۾ هلي پورو ٿيو. راڻي کي ١٤ سال ڪارو پاڻي ۽ سندس پرڌان (وزير) کي ١٠ سال قيد مليو. راڻي جي پوئين مان وقت راڻو اچل سنگ پٽ وڏيوڙ پارڪر جو راڻو آهي.

روپلي ڪولهي جو وطن سان وفاداري ڪري سندس نالو اڃا پيو ڳائجي. اهو سندس لاءِ "امر انعام" آهي.

## سوڍن کي جاگيرون ۽ انعام

عمرڪوٽ پاسي سوڍن کي جاگير ملي ته سوڍا البت خوش ٿيا ۽ ملڪ ۾ امن ٿيو، پر پارڪر جي پاسي سوڍا سانت ڪري نٿي ويٺا. ور ور ڪري انهيءَ ٽڪريءَ ۾ فساد پئي ڪيائون. سنه ١٨٥٩ع جي فساد وقت ٿر جي ڪيترن

(١) "هسٽري آف اٿلينيشن سنڌ گزيٽيئر" مسٽر اٽڪن، واليوم پهريون، صفحو ٢٨٧ کان ٢٩٤.

# ١٨٩٩ع جو ڏڪار

سنبت ١٩٥٦=سال ١٨٩٩ع ۾ ٿر ۾ سخت ڏڪار پيو. ٿر جو ملڪ آهي برسات تي. انهيءَ سال ڪني تمام گهٽ نه ڪني اصل برسات ڪانه پيئي. ٿر ۾ سدائين ٽئين چوٿين سال ڏڪار پوندو آهي. پر اهو ڏڪار اڄ تائين "ڇپنو ڏڪار" (٥٦=ڇپن) جي نالي سان مشهور آهي، جنهن جون ٿر جا ماڻهو ڳالهيون ڪندا آهن. انهيءَ وقت ڪيترا ماڻهو ناري ڏي پڇي ويا. جيڪي وڃي نه سگهيا تن ڏاڍا ڪشٽ ڏٺا. گاهه نه هئڻ ڪري مال مري ويو، اناج جو هڪ داڻو به ملڻ مشڪل هو. وڏي ڳالهه ته پئسي جي پيدائش ڪونه هئي. غريب ويچارا پئسو ڪٿان آڻين، جو اناج خريد ڪن. آن جي داڻي لاءِ ماڻهو پئسي سڪيا.

ان وقت وڏا ٿا ڳالهيون ڪن ته ماڻهو، ڪرڙن جي ٿڙ ۽ نارين جا ڇرڙا لاهي ڪٽي سنها ڪري، ٿورو اناج گڏي پيهي مانيون پچائي کائيندا هئا. ڏاڍو ڏکيو سمو هو. سرڪار ان وقت تقاويون وغيره ڪجهه ماڻهن کي ڏنيون ۽ ٿـر ۾ مزوري لاءِ تلاءَ (ترايون) کوٽائڻ ۽ مرست ڪرائڻ شروع ڪيون، جنهن ۾ ٿورن پئسن تي ماڻهو مزوري ڪري پيٽ پاليندا هئا. ڪيترا ماڻهو جهنگلي وڻ ڪنڊي جا پـن (جنهن کي ٿري 'سنگ' چوندا آهن، جي جانور کائيندا آهـن) لاهي ڪٽي ٿورو اناج گڏي مانيون پچائي کائيندا هئا. اهو سال اهڙو مشهور آهي جو ڪنهن کان پڇبو ته 'عمر ڪيتري اٿيئي، يا ڪڏهين ڄائو آهين، يا فلاڻو واقعو ڪڏهين ٿيو' ته جواب ڏيندا ته: 'ڇپني ۾، يا ڇپني کان هيترا سال اڳ يا پوءِ'، پوءِ انهيءَ تـان حساب ڪري صحيح عرصو معلوم ڪري سگهبو آهي.

٥ آنا روز ۽ عورت کي ٨ آنا روز ملندو هو. ڙالون انهيءَ ڪم تي ٿورڙيون هيون.

ماسترن کي سندس پگهار کان سواءِ پتو پاڙو ملندو هو. ناري ۽ ميرپورخاص ڊويزن جا ڪي آبدار، آبپاشي ۽ ريونيو جا منشي به انهيءَ ڪم ۾ لڳايا ويا هئا. سڀني ڪم لاءِ پٽيلن ۽ ماسترن کي ڪليڪٽر آفرين‌ناما ڏنا هئا. مزورن کي هفتي هفتي مزوري اتيني ملندي هئي.

سنه ١٩٤٢ع ۽ ١٩٤٤ع ۾ به مڪڙن جي وينڪ ٿي هئي، تڏهين به مٽئين نموني لوڪسٽ جو ڪم هليو هو، ۽ ماسترن جي مدد سان ٿڪا ناس ڪرايا ويا هئا.

---

# باب ٻارهون

## حڪومت پاڪستان (١٩٤٧ع)

### ١٩٤٧ع جي آزادي

سنه ١٩٣٩ع ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي لڳي، سنه ١٩٤٥ع ۾ پوري ٿي ۽ اتحادين کٽيو. ان وقت دنيا جي سياست ۾ زبردست انقلاب آيو. هندستان ۾ ٻه سالن کان آزاديءَ جي هلچل هلندڙ هئي، ان جي اثر ڪري ملڪ جو وايو منڊل ڪجهه سجاڳ هو. هندستاني فوجن ۾ ڪي قدر آزادگيءَ لاءِ حب ۽ تڙپ پيدا ٿي، بمبئي ۾ ڪن هنڌن ديسي فوجن بغاوت ڪئي. انگريزن جو ويساهه فوجن مان گهٽجي ويو. ملڪي حالتون اهڙيون اچي بيٺيون، جو انگريزن لاءِ وڌيڪ وقت هندستان تي ضابطو رکڻ ڏکيو ٿي پيو. انگلنڊ جي نين چونڊن ۾ چرچل پارٽيءَ هارايو ۽ مزدور پارٽيءَ کٽيو. مزدور اڳواڻ ڪليمنٽ ائٽليءَ وزارت ٺاهي ۽ پاڻ وزير اعظم ٿيو. مزدور، هندستان جي آزادگيءَ جي فائدي ۾ هئا.

ڪانگريس ۽ مسلم ليگ، "پاڪستان" جي سوال تي پاڻ ۾ ٺاهه ڪيو ۽ ٻنهي گڏجي آزادگيءَ جي گهر ڪئي، جنهنڪري پارليامينٽ هندستان کي آزادگي ڏيڻ جو بل پاس ڪيو. ۽ مسٽر ائٽلي ١٩٤٧ع ۾ اعلان ڪيو ته جون ١٩٤٨ع ۾ هندستان کي آزادگي ڏينداسون.

پُرت، سُرت ۽ پنهنجي ڏت تي ڪي قدر گذر ڪيو. سرڪار سهوليت وارن هنڌن تي اناج جا ڊيپو کولايا، جنهنڪري ماڻهن کي اتان سستي اگهه سان اناج ملندو هو. سرڪار ٿر کي ڏڪار ايراضي ٺهرايو ۽ ڪافي انداز ۾ اناج موجود ڪيو، جنهنڪري ماڻهن کي تڪليف گهٽ ٿي.

---

# باب تيرهون

## ٿرپارڪر جا مکيه ڳوٺ ۽ آدمشماري

### (الف) مکيه ڳوٺ

**عمرڪوٽ:** هي شهر ٢٢-٢٥ اتر ڊگهائي ڦاڪ ۽ ٦٩-٤٧ اوڀر ويڪرائي ڦاڪ ۾، ٿرجي پٽن ۽ ميداني علائقي جي ڏنگ تي آهي. ڇوڙ ۽ ڍورو نارو ويجهيون اسٽيشنون، هر هڪ ١٢ ۽ ١٤ ميل پري آهن. ميرپور خاص مان لاريءَ ۽ موٽر وسيلي ڳنڍيل آهي، جو ٣٦ ميل پري آهي. هي اڳي راجپوتن جي گاديءَ جو هنڌ هو، ۽ سچي ڏاٽ (ٿر) جو ٽيلات ليکبو هو. هتي سنه ١٥٤٢ع ۾ هاڪارو مغل شهنشاهه اڪبر اعظم ڄائو هو. ١٧٤٦ع ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي قلعو ٺهرايو، جو اڃا تائين بيٺو آهي. هي اڳي ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر هو، سنه ١٩٠٦ع کان پوءِ ميرپور خاص ۾ هيڊ ڪوارٽر ڪيو ويو. هتي واپار چڱو هلي ٿو. ١٩٤٧ع جي لڏ پلاڻ بعد ڪيترا هندستان مان مهاجر اچي وسيا آهن. هتي ميونسپالٽي آهي. هن جي چوڌاري باغن ۾ انب، ليما، صوف، توت، ڊاک، ڏاڙهون، ڪيلا، ۽ واڙين ۾ هر ڪنهن قسم جي ڀاڄي، پالڪ، سوئا، سوري، واڱڻ، پيڻڊيون، ٽوريون، ٽماٽا، ڪاريلا وغيره جام ٿين ٿا. سنه ١٨٧٤ع ۾ ايسٽرن ناري جي ٻوڏن سبب هتان جا گهڻا رهاڪو سٺي، ڇاڇرو، ڪانٽيو، پارنو، ڇيلهار، ٻگل، ويراڙو ۽

ٿا . هتي اڳي چاليهه هزار آدم وهندو هو، جي سڀ جيني ها. هن جا ٣-٤ ميلن ۾ ڪنڊر آهن، جتي ان زماني جا يادگار اڄ ڏائين لڀن ٿا . سڏونت - ساونگا جي مشهور عشقيه قصي ۾ پاري نگر جو ذڪر اچي ٿو ، جنهن مان خبر پوي ٿي ته اڳي هتي ناريل ٿيندا هئا، جا سمنڊ جي نزديڪيءَ جي نشاني آهن .

## (ب) آدمشماري

ٿرپارڪر ضلعي جي اجملي ٻڪيڙ ١٣٦٩٢ چورس ميل آهي، ۽ آدمشماري هيٺئين سوجب آهي : .

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١٨٧٢ ۾ | ٢٣٠٠٣٨ | ماڻهو | جمڙائو واهه جي کوٽائيءَ ڪري ڪيترا مزوو وغيره، ۽ زمين آباد ٿيڻ ڪري ڪيترا آبادگار ۽ ٻيا ماڻهو، پنجاب ۽ سنڌ جي ٻين ڀاڱن مان لڏي هتي اچي وهيا ۽ جنهنڪري آدمشماري ۾ واڌ ٿي. |
| ١٨٨١ع ۾ | ٢٥٧٥٦٥ | ” | |
| ١٨٩١ع ۾ | ٣٥٨١٨١ | ” | |
| ١٩٠١ع ۾ | ٣٦٣٨٩٤ | ” | |
| ١٩١١ع ۾ | ٤٣٣٣٩٨ | ” | ٥٤ سيڪڙو مسلمان ۽ ٤٦ سيڪڙو هندو . |
| ١٩٢١ع ۾ | ٤٦٨٠٤٠ | ” | |
| ١٩٥١ع ۾ | ٧٣٤١١١ | ” | ١٩٤٧ع جي لڏ پلاڻ ۾ گهڻا مسلمان هندستان مان لڏي آيا. |

## آدم شماري سنہ ۱۹۵۱ع (ٿرپارڪر ڊسٽرڪٽ)

| تعلقا | مرد | عورتون | ڪل جوڙ | پڙهيل | مهاجر |
|---|---|---|---|---|---|
| ميونسپل ميرپورخاص | ۲۲۶۹۲ | ۱۸۰۵۸ | ۴۰۷۵۰ | ۱۰۵۱۴ | ۲۷۶۱۴ |
| تعلقو ميرپور خاص | ۳۳۲۴۳ | ۲۷۳۹۲ | ۶۰۶۳۵ | ۴۴۱۲ | ۱۶۲۴۲ |
| " جيمس آباد | ۲۴۷۳۳ | ۲۱۰۷۳ | ۴۵۸۰۶ | ۳۵۳۳ | ۹۲۸۴ |
| " ڏگهڙي | ۳۶۳۸۱ | ۳۰۵۰۲ | ۶۶۸۸۳ | ۵۹۵۹ | ۱۳۵۶۲ |
| ميونسپل عمرڪوٽ | ۲۸۱۷ | ۲۳۲۶ | ۵۱۴۳ | ۱۰۷۶ | ۶۸۰ |
| تعلقو عمرڪوٽ | ۴۴۶۸۶ | ۳۵۶۱۷ | ۸۰۳۰۳ | ۷۳۵۵ | ۱۱۴۹۵ |
| " سانگهڙ | ۲۷۸۷۷ | ۲۱۴۹۵ | ۴۹۳۷۲ | ۳۲۶۱ | ۵۴۱۱ |
| " کپرو | ۴۲۹۵۸ | ۳۳۶۹۲ | ۷۶۶۵۰ | ۴۷۶۲ | ۶۸۱۰ |
| " ماٺارو | ۳۲۳۲۴ | ۲۶۳۳۳ | ۵۸۶۵۷ | ۳۴۱۲ | ۶۲۳۷ |
| " ڇاڇرو | ۴۷۶۲۹ | ۳۹۹۸۱ | ۸۷۶۰۹ | ۴۱۵۰ | ۳۴۰ |
| " مٺي | ۳۴۲۱۷ | ۲۹۸۱۳ | ۶۴۰۳۰ | ۴۲۶۷ | ۳۸۸ |
| " ڏيپلو | ۱۹۹۷۹ | ۱۶۹۷۰ | ۳۶۹۴۷ | ۲۶۱۳ | ۷۵۳ |
| " ننگرپارڪر | ۳۲۹۱۷ | ۲۸۴۰۹ | ۶۱۳۲۶ | ۲۰۳۳ | ۲۱۵ |

هندستان مسلم اڪثريت ۽ ٻـلاڻ لڏ جي ۱۹۴۷ع مان هجرت ڪري آيا آهن.

نوٽ: ۱۹۵۱ واري آدم شماريءَ بعد سانگهڙ ۽ کپرو تعلقا، سانگهڙ ضلعي سان ملايا ويا آهن.

# باب چوڏهون

## ٿر ۾ رهندڙ قومون

ٿر ۾ اڳي جيڪي ڌرم وارا آباد هئا، سو ۽ پرمار ۽ سومرا هندو راجپوت آيا، جن جو ٿر تي راڄ به هو. ان بعد سوڍا واڌنپور کان آيا. وچئين سمي ۾ کوسا، چانڊيا ۽ بلوچ به اچي رهيا. ڪي اڇوت قومون، ڀيل ۽ ڪولهي، آڳاٽي وقت کان رهندڙ هيون، ان بعد مارواڙ کان ماڻهو اچڻ لڳا. موجوده بستيءَ وارا برهمڻ، مهيشوري، مينگهواڙ ۽ ٻيون ڪاسبي قومون وغيره سڀ مارواڙ کان آيل آهن. لهاڻا ۽ ڪي مسلمان قبيلا سنڌ کان آيل آهن. ريتين رواجن، اوڍ ـ ويس ۽ ٻوليءَ مان ٿي سندن اچڻ پڌرو آهي. پاڪستان ٺهڻ بعد لڏپلاڻ جو اثر ٿر تي بلڪل ٿورو ٿيو آهي. ڪي برهمڻ ۽ مهيشورين جا گهر لڏي ويا آهن. ٿر جي شهرن ۾ برهمڻ، مهيشوري، مسلمان، ڪاسبي ۽ مينگهواڙ گهڻا رهن ٿا، جو ته هڪڙا پنهنجي وارا، جن جو ڌنڌو، واپار ۽ ڏيتي ليتيءَ تي آهي، جهڙوڪ مهيشوري. ٻيا ڪاسبي ـ جهڙوڪ مسلمان حجام، ڌوٻي، هندو ڪٽي وغيره ۽ مينگهواڙ ـ اهي شهرن ۾ جهجها آهن. راجپوت ۽ مسلمان، جيڪي مالدار آهن ۽ جن جو گذران کيتيءَ تي آهي، سي ڀرواڙين ۾ رهن. ڀيل ۽ مينگهواڙ به سڄي ٿر ۾ پکڙيل آهن. ڪولهي گهڻا پارڪر ۾ رهن ٿا.

مکسي: هي بلوچن جي شاخ آهي.

جتوئي: مائي جتو جو اولاد آهن.

خواجا: اصل هندو لهاڻا هئا. پندرهين صديءَ ۾ مسلمان ٿيا. اسماعيلي شيعه فرقي جا آهن. هاڻوڪو مرشد سر آغا خان اٿن. عمرڪوٽ ۾ رهن ٿا. چمڙي، ڪلن، جو واپار ڪندا آهن.

سرائي: ڪي بلوچ قومون سرائڪي ٻولي ڳالهائينديون آهن، جن کي سرائي چوندا آهن. ٿر ۾ سرائي لفظ رئيس جي معنيٰ ۾ ڪم ايندو آهي.

چاچڙ: اصل هندو هئا، پوءِ مسلمان ٿيا.

سومرا: اصل پرمار هندو راجپوتن مان آهن، پوءِ مسلمان ٿيا. ڪاٺڙ ۾ پڻ پاسن رهن ٿا.

کوکر: اصل پنجاب جا آهن. پوءِ سنڌ ۾ آيا، جتان ٿر ۾ اچي رهيا.

مهر: اصل هندو هئا، پوءِ مسلمان ٿيا.

ميمڻ: اصل هندو لهاڻا هئا. پندرهين صديءَ ۾ سيد يوسف الدين قادري بغداد مان ٺٽي ۾ آيو، جنهن جا هو مريد ٿيا. سنڌ مان ڪڇ، بمبئي ۽ ٿر ڏي ويا. هيءَ واپاري ۽ شاهوڪار قوم آهي. ڏيپلي، ننگرپارڪر ۽ پين هنڌن رهندا آهن. گيهه جو واپار ۽ دڪانداري مکيه ڌنڌو اٿن. ڏيپلائي ميمڻ ڪيترا پڙهيل ۽ وڏين نوڪرين ۾ آهن. شاهوڪار، تعليم يافته، ترقي پسند ۽ واپاري قوم آهي.

آهن، سي ٿر ۾ ماڃي سڏجن ٿا.

حجام: هي حجامت جو ڌنڌو ڪندا آهن. گهڻو ڪري شهرن ۾ رهن ٿا، جتي کين ڌنڌي جي سهوليت آهي. ڪي ٻهراڙين ۾ به رهن ٿا.

ڪاسائي: هي عمرڪوٽ، مٺي ۽ ٻين هنڌن رهن ٿا. هنن جو ڌنڌو گوشت وڪڻڻ جو آهي.

ڪنيار: هي مٽيءَ مان ٿانو ٺاهڻ جو ڪم ڪندا آهن. سڄي ٿر ۾ پکڙيل آهن.

کٽي هي ڪپڙي تي ڇُر ۽ رنگ ڏيڻ جو ڪم ڪندا آهن.

ٻاليشاهي: مٺي ۾ رهن ٿا. ٻهاري ٺاهڻ ۽ ڪاڪوس ميڙڻ جو ڪم ڪن ٿا.

منگڻهار: هي فقير آهن. سارنگين تي ڳائيندا آهن. سيني قومن ۾ وهانءَ – وڌائي دهل وڄائيندا آهن، جتان کين مقرر لاڳ ۽ گهور وغيره ملندي آهي.

ڌوٻي: شهرن ۾ رهن ٿا، ڪپڙن ڌئڻ جو ڪم ڪندا آهن.

خاصخيلي: هنن کي ٿر ۾ ٻجير به چوندا آهن. هي وڏن ماڻهن وٽ نوڪر ٿي رهندا هئا. هاڻي آزاد طرح ٿر ۾ رهن ٿا.

شيدي: هي به وڏن ماڻهن وٽ نوڪر ٿي رهندا هئا. وفادار آهن، هاڻي ٿر ۾ آزاد رهن ٿا.

لنگها: هي دهل وڄائيندا آهن. فقير آهن. وهان وڌائي واڄن ۾ ٻڌل ملند و ائن (١)

انهن کان سواءِ ٻيون به ڪيتريون مسلمان ذاتيون سڄي ٿر ۾ پکڙيل آهن، جيئن منگريا، لنجا، جوڻيجا، آريسر، درس،

---

(١) مرزا قليچ بيگ جي ڪتاب "قديم سنڌ" تان مدد ورتل.

ناٿي: هي مارواڙي آهن. سنواوت (حجامت) جو ڌنڌو ڪندا آهن. شهرن ۾ رهن ٿا ۽ ڪي ٻهراڙين ۾ به آهن.

ورتيا: هنن ڪي چنچريا چوندا آهن. اصل مارواڙي آهن. شهرن ۾ رهن ٿا. پوڄا پاٺ ڪرائيندا آهن.

ڪِرياڳُر: هي مارواڙي آهن. شهرن ۾ رهن ٿا، مئي پڄاڻا هندن جي ڪريا ڪرم ڪندا آهن.

لوهار: لوهه جو ڪم ڪندا آهن. هڪ هنڌ نه رهندا آهن، خانه بدوش آهن، گاڏا وٺي گهمندا وتندا آهن. اصل مارواڙي آهن. اونهاري جو ناري ڏي ويندا آهن ۽ وسڪاري ۽ سياري جو ٿر ۾ رهندا آهن.

ڪنڀار: اصل مارواڙي آهن. مٽيءَ مان ٿانءَ ٺاهي پچائي وڪڻندا آهن.

ٻجير: هي ٺڪرن وٽ نوڪر ٿي رهندا آهن، انهن جو گهرو ڪم ڪندا آهن. سنڌن زالون به انهن جي گهر جو ڪم ڪنديون آهن. اهي ٺڪرن جا گولا مڃيا آهن. ٺڪر پنهنجين ڌين کي پرڻجڻ وقت ٻجيراڻيون گوليون ڪري ڏاج ۾ ڏيندا آهن.

نوٽ – هندن مان برهمڻ ۽ مهيشورين کان سواءِ ٻيا سڀ گوشت کائيندا آهن. سڀئي سڀ ذاتيون مُردا جلائينديون آهن.

## اڇوت

اڇوت حقيقت ڪري هندو نه آهن، هو هن ملڪ جا اصلوڪا رهاڪو آهن، جن جون ڪو وقت اڳ آزاد حڪومتون هيون. هندن جي اچڻ بعد اهي ناس ڪيون ويئون ۽ ڪين غلام ڪيو ويو. کانئن سڀ حق کسيا ويا ۽ حياتيءَ جي هر

ڪنهن اڇوت جي ماني ڪونہ کائين. سڀئي ٽر ۾ پکڙيل آهن. مردار ڪونہ کائين. مُردا پوريندا آهن.

انهن کان سواءِ گواريا، سانسي، ڪوچڙا ۽ جوڳي ڪٿهين ڪٿهين ٿر ۾ ايندا آهن. انهن جو مکيہ ڌنڌو پينڻ آهي. اهي ٿر ۾ رهن ڪونہ ٿا، خانہ بدوش قومون آهن. اصل مارواڙي آهن.

## متفرقہ

ڪدڙا: هي فقير سڏبا آهن. هنن جو فرقو جدا آهي: اهي هندو بہ آهن، مسلمان بہ آهن. سيئي گڏجي رهندا آهن. اهي زنانو ويس ڪري ڏاڙهي مڇون ڪوڙائي ڳائيندا وڄائيندا آهن. پٽ چمڻ تي گهور وٺندا آهن، ۽ شادي وغيره موقعن تي گڏجي اچي ڳائيندا ۽ تاڙيون وڄائيندا آهن، ۽ خيرات وٺندا آهن. منجهن هڪڙو وڏو هوندو آهي، پيا هن جي حڪم ۾ رهندا آهن. جتي ڪو ڪدڙو ٻار ڄڻندا آهن، تہ اتي وڃي اهو وٺي اچي پاڻ سان ملائيندا آهن. جتي رهندا آهن، تنهن کي "مڙهي" چوندا آهن. ٻاهر وڃڻ وقت گهڻو ڪري ڪنيارن ۾ نڪرندا آهن، جنهنڪري ٿر ۾ چوندا آهن تہ — "ڪدڙي جا اوٺارا ڪنيارن جي گهر". ٿر ۾ رهن ٿا.

## اڇوتن سان ظلم

ٿر ۾ مسلمان ۽ هندو لڳ ڀڳ هڪ جيترا رهن ٿا. هندن ۾ وڏو تعداد اڇوتن (مينگهواڙ، ڀيل ۽ ڪولهي) جو آهي. اڇوت سڀئي ٿر ۾ وڏن شهرن خواہ ننڍن ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾، هندن خواہ مسلمانن سان گڏ وينا آهن. ٿر ۾ ڪوبہ اهڙو ڳوٺ نہ هوندو، جتي اڇوتن جا ڪي نہ ڪي

جو ڀلاند لڳي ويو ته گهر وڃي سنان ڪندا، يا پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻندا. تعليم يافته ۽ نون خيالن جا نوجوان ايتري ڇوت ڇات ڪونه ڪندا آهن، پر پوڙها ۽ اڳئين زماني جا پڙهيل، ۽ خاص ڪري زالون ڏاڍي ڇوت ڇات ڪنديون آهن.

مسلمانن جو ورتاءُ اڇوتن سان سٺو آهي، هو هٿ لائن، گڏ وهن، يا ساڳئي وهٽ تي چڙهڻ ۾ ڪوبه عار ڪونه ڪن، گڏجڻ وقت اڇوتن سان هٿ ۾ هٿ ملائيندا آهن، گهرن ۾ اچڻ کان به منع ڪونه ڪن.

هندو نائي، اڇوتن جي سنوارت ڪونه ڪن، هندو ڌوٻي اڇوتن جا ڪپڙا ڪونه ڌوئين، مسلمان حجم حجامت به ڪن، ۽ مسلمان ڌوٻي ڪپڙا به ڌوئين. هندو جيتوڻيڪ اڇوڪين سياسي چالاڪين جي ڪري اڇوتن کي هندو ليکين ٿا، پر ساڻن ورتاءُ جانورن جهڙو ڪن ٿا. اڇوت هندو ڪونه آهن، هو هڪ جدا فرقو آهن. پاڪستان سرڪار سنه ١٩٥١ع جي آدمشماري ۾ اڇوتن کي جدا شمار ڪيو آهي: ڪين سياسي حق به جدا ملڻ گهرجن، جنهن ۾ ئي اڇوتن جو فائدو آهي.

# باب پندرهون

## ٿرپارڪر جي معاشي حالت

ٿر جو ملڪ واريا سو، ڪٿي سنئين زمين، ته ڪٿي ڏڙا ۽ ڀٽون، جن تي چڙهڻ سان پير پوئتي وڃن. سياري جو واري جلد ٿريو پوي، جنهنڪري سردي جام، ته اونهاري جو وري سج جي تپت ڪري آب هوا گرم. ويتر جو انهيءَ موسم ۾ ڏکڻ الهندي جي هوا زور سان لڳي، جنهن سان گڏ وري واريءَ جو طوفان اهڙو اٿي، جو گهر کان ٻاهر نڪرڻ ئي مشڪل. ڪڏهين ڪڏهين وري اهڙي ڪوسي هوا (لوءَ) لڳي جو بدن ئي ساڙيو ڇڏي.

ٿر جي آباديءَ ۽ سرسبزيءَ جو مدار برسات تي؛ سو اونهاري جو جهنگ ۾ سواءِ وڻن ٽڻن جي گاهه ۽ ننڍا ٻوٽا سي سڪل. مينهن به ڪڏهين گهڻو وسي ڪڏهين ٿورو، ته ڪڏهين اصل ڪونه پوي ملڪ ۾ نڪا ندي نڪا نئن، نڪو ڦاٽ نڪو واهه. ڀٽن تي، ڪونيٽ جام ۽ پيا وڻ ٻائوري، موراڙي، ڪبڙيون؛ ۽ ڏهرن ۾ وري ڪنڊي ۽ ٻير جام. ٻاگهن ۾ وري ڦوڳ ۽ ٻوهه اڪيچار؛ ڪٿي آڪ ۽ ٿوهر به ٿين. جي وسڪارو پلو، ته پوءِ ڀٽن تي ۽ ڏهرن ۾ گاهه جام، زمين تي چڻ ته سائو غاليچو وڇايو پيو آهي. انهيءَ وقت ٿر، ڪشمير جون سڪون پيو لاهي. ٿر ۾ به اهي نظارا موجود

اچي، ملڪ ۾ پيدائش گهٽ، تہ آدم بہ گهٽ. شهري ماڻهو علم پڙهن، واپار ڪن، ۽ سنجهانئن ڪي نوڪرين ۾ لڳل آهن، باقي ٻهراڙين ۾ ماڻهو وسڪاري ڪان پوءِ، جن وٽ مال نہ آهي، سي گهڻي ڀاڱي واندو وقت ڪاٽين.

ٿر واريا سو ملڪ آهي، ۽ پارڪر جابلو. ڏکڻ اولهہ ۾ وڏيون ڀٽون آهن، جي ٿورو ٿورو گهٽبيون وڃن، تان جو اتر اوڀر ۾ ڪائڙ ۽ بوئنٽ ۾ ننڍيون وڃي ٿين. واري تپي بہ جلد تہ ٺري بہ جلد، تنهنڪري اونهاري ۾ گرمي ٿئي، ۽ ڏکڻ اولهہ جي سخت هوا لڳڻ ڪري، ان سان گڏ واري بہ اڏامندي آهي- جنهن سان ماڻهن جو منهن، اکيون ۽ بدن ۽ ڪپڙا پرجي پوندا آهن. ۽ ان هوا ۾ تپت جهجهي هوندي آهي، جنهن کي ”لڪ“ چئبو آهي، جنهن جي رفتار ڪلاڪ ۾ ٤٠ ميلن تائين آهي.

سياري ۾ سردي گهڻي، ۽ هوا ٿڌي ٿيندي آهي. خاص ڪري ڊسمبر ۽ جنوري ۾ سخت سيءُ پون: انهن وچين چاليهن ڏينهن کي ”چاليهو“ چون. چاليهو لٿو تہ سيءُ گهٽجڻ لڳندا. ٿر کي ويجهو ڪو سمنڊ ڪونہ آهي. ملڪ ۾ نڪا نـدي نڪا نئن، نڪو ڍنڍ وغيره، جو آب هوا ۾ ڪا خاص تبديلي آڻي، تنهن هوندي بہ مهراڻي جي آبهوا، پاڻي ۽ سائي ملڪ سنڌ سان لاڳيتو هئڻ ڪري، البت ٻين ڀاڱن کان وڌندڙ آهي.

## برسات

ٿر ۾ برسات ١٥ جون ۽ ان کان پوءِ شروع ٿيندي آهي. اٽڪل ٣ مهنا ١٥ سيپٽمبر تائين برسات جا ليکا آهن، ڪڏهين اڳ ۾ بہ برسات پوي. ٿر واريا۔و ۽ پارڪر جابلو، سڄي ملڪ ۾ ڪابہ ڍنڍ يـا واهہ ڪونہ آهي. جنهنڪري،

آباديءَ جو مدار برسات تي آهي. ”وٺو تہ ٿـر، نہ تہ بر.“ برسات پوڻ وقت ٿر سر سبز، سائو ۽ آباد ٿيندو آهي؛ گاهہ پاڻي جام. ناري مان بہ ڪيترو مال چاري لاءِ ٿـر ۾ ايندو آهي. ڪنهن سال گهٽ برسات پوندي آهي، تہ ملڪ ۾ ڏڪار پوندو آهي. پوءِ مال تہ مريو وڃي، پر ماڻهن کي بہ اناج ڪونہ ملي، ۽ تڪليف هيٺ اچيو وڃن.

ٿر، ڪير مڪڻ ۽ نج گيهہ ڪان مشهور آهي، - تنهن جي بہ آپت گهٽ ٿئي. مال ۽ ماڻهن جو مدار برسات تي آهي. برسات بہ ڪڏهين پوي تہ ڪڏهين پوي ئي ڪونہ. سو بہ سڄي ٿر ۾ نہ - ڪنهن ٽڪر ۾ مينهن گهڻو پوي، ڪٿي گهٽ، تہ ڪٿي اصل ڪونہ پوي. اڪثر پارڪر ۾ گهڻي برسات پوندي آهي. سراسري برسات، آبادي لاءِ منداڻتي، ٩-١٠ انچ ڪافي آهي. گهڻي برسات بہ نقصان جو ڪارڻ آهي. شروعات ۾ گهڻي برسات ۽ جهڙ ٿئي، تہ چوپايو مال مريو وڃي؛ بيٺل فصل تي پوي، تہ آبادي ناس ٿيو وڃي؛ ۽ جي بلڪل گهٽ پوي تہ فصل ڪونہ ٿئي ۽ نڪو مال لاءِ گاهہ ٿئي.

برسات گهڻو ڪري آتر ڪان ايندي آهي. ڪڏهين ڪڏهين اولهہ ڪان بہ اچي، جنهن کي ”لاڙي مينهن“ چون؛ چوتہ الهندي پاسي ڪان لاڙ جو علائقو آهي. ١٨٩٩ع جي ڏڪار وقت تمام گهٽ برسات پيئي هئي. ان سال زبردست ڏڪار پيو هو- جنهن جون اڄ تائين ماڻهو ڳالهيون ڪندا آهن. ان وقت امرڪوٽ ۾ ٦ سينٽ برسات پيئي هئي. سنہ ١٩٠٣ع ۾، امرڪوٽ ۾، ٩٫٢٥ انچ ۽ ١٣٫١٧ انچن جي وچ برسات پيئي هئي. ١٩١٣ع ۾ ٣٦-٢٦ انچ برسات پيئي هئي. سال ١٩٢٧ع ۽ ١٩٢٩ع ۾ زبردست برسات پيئي هئي، جنهن ۾ ڪيترو چوپايو مال مري ويو هو ۽ جايون ڍهي پٽيون هيون.

## پوک

ٿر ۾ پوک جو مدار برسات تي آهي. ڏيپلي تعلقي جي ڏکڻ - اوڀهه ۾ سکر بئريج واهه جي شاخ، نئون ڪوٽ برانچ تي ٿورو ٽڪر آباد ٿئي ٿو. جتي ڪپهه ۽ ڪڻڪ ٿئي ٿي. مکيه ٻه فصل ٿين ٿا:

١- خريف يا ڪتي- هي فصل، جون جولاءِ ۾ پوکجي ۽ آڪٽوبر - نومبر ۾ لهي. هن ۾ جوئر، ٻاجهري، تر، مگ، گوار، ڪوڙا، وليون، هنداڻا، گدريون ۽ چيڙ ٿين. اهو فصل سڄي ٿر ۽ پارڪر ۾ ٿئي.

٢- ربيع يا چيٽ - آڪٽوبر - نومبر ۾ پوکجي ۽ مارچ اپريل ۾ لهي. هن ۾ ڪڻڪ، جوَ ۽ چاڻيو پوکجي. اهو فصل ننگرپارڪر تعلقي، ڏيپلي تعلقي جي ڪجهه ٽڪرن، ۽ ڪڌهين سامروٽي جي ڪن پلين ٻنين ۾ ٿئي؛ سڄي ٿر ۾ عام ڪونه ٿئي. وٽ ۾ به ڪڻڪ سٺي ٿئي.

٣- آڌائون - فيبروري ۾ پوکين، جون ۾ لهي. هن ۾ وليون پوکيون آهن. اهو فصل گهڻو ڪونه ٿئي، ڪٿي ڪٿي ٿوري انداز ۾ ٿئي. ڪن پلين ٻنين کي کيڙ ڏيئي يڪي ڇڏيندا آهن، پوءِ جوئر پوکيندا آهن، جا بنا برسات جي ٿيندي آهي. وٽ ۽ سامروٽي ۾ بصر پوکيندا آهن، جو سٺو ٿيندو آهي. مٺي، اسلام ڪوٽ، چيلهار، چاچرو، ڏيپلو ۽ ننگرپارڪر جي ڪن ڳوٺن ۾ کوهن جي پاڻيءَ تي پالڪ، سوئا، ميٿري، موري، واڱڻ ۽ پينڊيون پوکيندا آهن.

ننگرپارڪر تعلقي جي ڪاسبي ڳوٺ ۾، سيٺ پونجي جو هڪ باغ آهي، جنهن ۾ انب، ليما، وغيره ٿيندا آهن، پر ٿوري انداز ۾ - پيو ٿر ۾ ڪٿي به باغ ڪونه آهي.

عمرڪوٽ جي پرسان، ناري ۾، واهن جي پاڻيءَ تي

گرم ڪپڙو، دائي جو ترڙ، تڪوسر، آمريو، ڏاتر ڏني جو ترڙ، جوڙئو، لوٺهار ۽ پاڏا سنڌا ۾ ٺهنديون آهن. اهو ڪم مينگهواڙ ڪندا آهن.

چمڙي جا بوٽ، سليپر ۽ چمپل، مٺي، اسلام ڪوٽ، چيلهار، ڇاڇري، ڏيپلي ۽ عمرڪوٽ ۾ ٺهن ٿا. ديسي جتيون، پخالون، سانداريون، نتون، مرگهه ڇال هرڻ جون کلون ۽ ان مان نتون ۽ نماز لاءِ مصلا، سڀ ٿر ۾ مينگهواڙ ٺاهيندا آهن.

ڇاڇري، مٺي ۽ ڏيپلي ۾ ڪني ڪپڙي تي رڱاوت جو ڪم ڪندا آهن.

آن مان ڪمريون، کٿا ۽ لوئيون عام طرح سڄي ٿر ۾ مينگهواڙ، ۽ ڏاس مان پورا، پوريون، ڪرڙيون ۽ ڪڙيا، سڄي ٿر ۾ پيل ٺاهيندا آهن.

وڏن ڳوٺن، جهڙوڪ مٺي، ڇاڇري، عمرڪوٽ، اسلام ڪوٽ، ننگرپارڪر، ڏيپلي ۽ گيڏڙي ۾، زالون هٿ تي اوني سئيٽر، مفلر، گلابند، ٽوپيون ۽ آر تي سوٽي گنجيون، هنڌن جون چادرون ۽ وهاڻي جون ڇهون ٺاهينديون آهن. ڪپڙي تي ڀرت جو هنر سڄي ٿر ۾ آهي. شهرن ۾ درزڪو هنر چالو آهي.

سڄي ٿر ۾ مٽيءَ جا ٿانوَ ڪنڀر ٺاهيندا آهن.

سونهري، لوهه ۽ پتل جو سامان، ووهيڙي جون ڪٽون ۽ بيو ڪاٺ جو سامان ٺاهيندا آهن. لوهار ٿر ۾ مستقل رهاڪو ڪونه آهن، اهي گهومو آهن ۽ ڪڏهين ڪڏهين، خاص ڪري برساتي موسم ۾ ايندا آهن.

وڏن ڳوٺن مٺي، چيلهار، ڇاڇري، اسلام ڪوٽ، ڏيپلي ۽ عمرڪوٽ وغيره ۾، پن جون پيڙيون جام ٺهنديون آهن، جي ٻاهر وڪري لاءِ وينديون آهن.

## ريلوي رستا

ٿر سب ڊويزن ۾، پنهنجي سبب ڪو به ريلوي رستو ڪونهي. فقط عمرڪوٽ تعلقي مان ريلوي لنگهي ٿي، جا ميرپورخاص کان اوير طرف جوڌپور ڏي وڃي ٿي. ١٨ آگسٽ ١٨٩٢ع ۾، حيدرآباد کان شادي پلي تائين، وڏي پٽي ٦-٤ فوٽ واري ريلوي، انگريز سرڪار جاري ڪئي. ٢٢ ڊسمبر ١٩٠٠ع ۾ شادي پلي کان باڙمير تائين، ننڍي پٽي ٽي فوٽ ساڍا ٽي انچ واري ريلوي جاري ٿي، ٢٠ آڪٽوبر ١٩٠١ع ۾ حيدرآباد کان شادي پليءَ واري ريلوي بدلائي ننڍي پٽي واري ڪئي ويئي، ۽ سڄيءَ تي نالو رکيو ويو "جوڌپور بيڪانير ريلوي". ١- نومبر ١٩٢٤ع کان جوڌپور ۽ بيڪانير ريلوايون جدا ڪيون ويئون، جنهن کري هن تي نالو "جوڌپور ريلوي" رکيو ويو. اها ريلوي مهاراجا جوڌپور جي هئي، جا ١٩٤٧ع ۾ پاڪستان ٿيڻ بعد پاڪستان گورنمينٽ، مهاراجا جوڌپور کان خريد ڪئي ۽ هاڻي "نارٿ ويسٽرن ريلوي" سنڌ جي ٿي.

سنه ١٩٠٩ع ۾ "سنڌ لائيٽ ريلويز ڪمپني"، ميرپورخاص کان جهڏي تائين ريلوي جاري ڪئي، جنهن کي وڌائي سنه ١٩٣٤ع ۾ نبي سر روڊ کان اکڙي اسٽيشن وٽ، مٿين ريلوي سان ملائي وئي. هن تي هيٺيون اسٽيشنون آهن.

جمڙائو، جهلوري، جيمس آباد، ڪاچليو، ڊگهڙي، ٽنڊو جان محمد، جهڏو گدام، روشن آباد، ٽئون ڪوٽ، فضل ڀنيرو، ٽالهي، نبي سر روڊ، ڪنري، ڪينجهيجي، سامارو روڊ، محمد رحيم ڪالرو، صالح ڀنيرو ۽ ڀٽورو.

جوڌپور جي سرحد، موناباءِ اسٽيشن تائين آهي. انهيءَ ريلوي تي عمرڪوٽ تعلقي ۾ هي اسٽيشنون آهن: ڍورو نارو، هامي سر، چوڙ ٽئون، پرچي جي ويري، جالو چونرو، وصل باغ،

کوکرو پار، ۽ مونا باءِ. اُتي ٣ ميل وِستو نَتل آهي، اتان وري پارت جي ريلوي شروع ٿئي ٿي.

ڇوڙ بعد ٿر وارو پاڪو آهي. ڇوڙ اسٽيشن عمرڪوٽ کان ١٤ ميل آهي، جتي اُٺن، موٽر ۽ لاريءَ وسيلي آمدرفت چالو آهي. اُتي ٿر جو گهڻو واپار عمرڪوٽ وسيلي ڇوڙ اسٽيشن تان هلندو هو. مٺي ۽ ڏيپلي تعلقن جو جهڏي اسٽيشن تان. پر هاڻي جهڏي کان اُتي شاخ ڦٽوري واري نڪرڻ ڪري، ڏيپلي ۽ مٺي تعلقن لاءِ صدر اسٽيشن نئوڪوٽ آهي، جو مٺيءَ کان ٣٣ ميل پري ۽ ڏيپلي کان ٣٤ ميل پري آهي. ڇاڇري ۽ ننگرپارڪر تعلقن لاءِ صدر اسٽيشن ڪنري آهي، جا ڇاڇري کان ٣٨ ميل ۽ ڇيلهار کان ٣٠ ميل پري آهي.

## لاري ۽ موٽر رستا

ٿر ۾ پٽن ۽ واريءَ سبب رستن جي مٺيءَ حالت نه هئڻ ڪري موٽر ۽ لاري سروس جو اُتي ڪنهن کي به خيال ڪونه هو ۽ نڪا اهڙي ڪنهن ڪوشش ڪئي، مگر پوءِ ڪن صاحبن اها ڪوشش ڪئي. سنه ١٩٤٩ع ۾، سنڌ سرڪار جا منسٽر صاحب، جوڌپور سرحد سان لاڳيتو بارڊر جي جاچ لاءِ، جيپ وسيلي آيا هئا. مير احمد خان صاحب ٽالپر ايم. ايل. اي ۽ سندس ڀاءُ مير حاجي محمد بخش خان صاحب ٽالپر جيپ وسيلي ٿر جو گشت ڪيو. پوءِ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ صاحب پوليس ٿر، به جيپ وسيلي ٿر جو گشت ڪيو. اپريل ١٩٥١ع کان ڪنري، ڇيلهه، ڪانٽئي کان ڇاڇري تائين، ۽ ڪجهه وقت پوءِ نئين ڪوٽ کان مٺي ۽ اُتي اسلام ڪوٽ ۽ ننگرپارڪر تائين لاري سروس چالو آهي، جا روزانو اچي وڃي ٿي. هاڻي ته سرڪاري آفيسر ۽ ڪيترا زميندار جيپن وسيلي ٿر جو گشت پيا ڪن، ۽ جيپون ۽ لاريون عام جام سڄي ٿر ۾ هلن پيئون.

# باب سورهون

## ٿر جا رواج رسمون

ٿر ۾ مکيه قومون مسلمان، اڇوت ۽ هندو رهن. هر هڪ قوم جون ڪيتريون ئي ذاتيون آهن، جن جي پوشاڪ، رهائش، ۽ ريتن رسمن ۾ ٿورو گهڻو تفاوت آهي. پوشاڪ ۽ ٻوليءَ بابت، جدا احوال پٺي هنڌ لکيو ويو آهي. هتي ڪن خاص رسمن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو.

### شادي

مسلمان، پنهنجائپ‌ءَ جو گهڻو خيال ڪن. پنهنجي ڪٽنب ۾ ايرو سيرو هوندو، ته نياڻي ڌارين کي ڏيڻ پسند ڪونه ڪن. ڪُ-جوڙي جو خيال ڪونه ڪن: مڙس وڏو زال ننڍي، يا زال وڏي مڙس ننڍو، اهو خيا ڪونه ڪن. پنهنجو سڄو ٻه ڌارئين سائي ڪان سٻر سمجهن. ڇاڇي جي ڌيءَ سان شادي ڪرڻ ۾ شان سمجهن. جيڪڏهين، ڪنهن سوت ٻسان شادي نه ڪئي، ته مهڻو ڏيندا آهن ته 'ٿورونئي ڏاڏي پوٽي پرٽيو آهين!' لاچار ڪن حالتن ۾ نياڻي ٻاهر ڏيندا آهن. نياڻيون آهن آڪرڙيون؛ وتندي ويرم ڪونه ڪن- وڏور ڪنيا گهر ۾ هئڻ ٻار سمجهن: جيسٿن ان جو آڪلاءُ نه ڪن، تيسين آرام ڪونه اچين. نياڻي شينهن ڪلهي چڙهيي، ته ڳنتي لٿي. پنهنجي حال سارو سدائين ڏيج پوٽ جي سعيي ۾ رهندا "بَدي" حو رواج آهي: "ڏي ته ڏيان"- ڪن ٻٽائتن گهرن کي بنا

نرڳ پوڳيندو رهي! اهو ڪٿي جو انصاف؟ افسوس جو پرمن ۽ ڪوڙي لوڪ - لڄا جي وس ٿي، ماڻهو ڪيئن نہ پنهنجو اولاد جو ۽ قوم جو خانو خراب ڪري رهيا آهن! هن وقت ٻين قومن اوسر جو رواج گهٽ ڪيو آهي، پر ميگهواڙن ۾ اڃا اهو رواج هلندو اچي، جنهنڪري اها قوم سدائين قرض ۾ ٻڏل، پيٽ قوت لاءِ لاچار ۽ اجهي لاءِ حيران آهي - الائجي ڪڏهين سمت ايندي!

## پردو

ٿر جي هندن ۾ پردي جو رواج ڪونهي، عورتون فقط ڌارئي ماڻهوءَ کان چُني يا اوڍڻ جي پلؤ سان منهن ڍڪينديون آهن، جنهن کي ’گهونگهٽ‘ چئبو آهي. عورتون پردي کان سواءِ گهرو ڪم ڪار، گهر کان ٻاهر توڙي اندر، ڪنديون آهن. ٺڪرن سان ڪي بيٺل گهر ۽ زميندار پردو ڪندا آهن. انهن جون عورتون گهر کان ٻاهر ڪونہ نڪرن. سندن گهرن ۾ توڙي ٻاهر جو زنانو ڪم، سندن ٻجيراٽيون يا گوليون ڪن، ۽ ٻيو ڪم انهن جا مڙس ٻجير يا گولا ڪن، جي وڏن گهرن ۾ آهن. ڪيترن کي شاديءَ وقت گوليون ڏاج ۾ ملنديون آهن، ۽ پاڻ بہ ڌيئرن کي شاديءَ وقت گوليون ڏاج ۾ ڏيندا آهن. باقي ٻيون سڀئي قومون پنهنجو ڪم پاڻ ڪن. مسلمانن ۾ بہ غريب طبقي ۾ پردو ڪونہ آهي، پر زميندار، شاهوڪار، بيٺل، سيد يا پيا هلنديءَ وارا ماڻهو پردو ڪن. انهن جون عورتون ٻاهر ڪونہ نڪرن. ڪم سان لاچار ڪٿي ٻاهر وڃڻو پوي تہ پردي ۾ وڃن. ڏيپلي جي ميمڻن ۾ ڪجهہ وقت کان پردو شروع ٿيو آهي، جو ميمڻ شاهوڪار، واپاري، پڙهيل ۽ گهڻي ڀاڱي نوڪرين ۾ آهن. هنن ۾ برقعي جو رواج آهي. ٻاهر نڪرڻ وقت عورتون برقعو ڪن.

آهي. هن جو ڏنگ اهڙو خوفناڪ ٿيندو آهي، جو ڪلاڪ
۾ اندر ماڻهو مري وڃي. هڻ-ڪڻ جي معنيٰ ٿي آهي ’ڏنگ
لڳو ته ڇڻ لاشو ڪنيو‘. هن جو اثرائتو علاج آهي ئي ڪونه.
ٿر ۾ وڇون به جام ٿين، جي ونگ جا پيلا ٿين. ڏنگ تي
گاسليٽ مکين، انجڻ گهوٽي ڏين، جهاڙ وجهائين بصر جو
پاڻي ڏين، ۽ ٻيا ڪيترا علاج ڪن. پارڪر ڏي جبل ۾ خوفناڪ
زهري ڪارا وڇون ٿين، جن جو ڏنگ خوفنائتو آهي.

## چوپائي مال جون بيماريون ۽ علاج

ٿري ماڻهن جو گهڻي ڀاڱي گذران چوپائي مال تي.
چوپايو مال به ساهواري شي آهي. گرمي سرديءَ جو اثر ان
تي به ٿئي، جنهنڪري بيماري به ٿئي. ٿر ۾ ”وٽنري
اسپتالون“ فقط ٻن هنڌن، عمرڪوٽ ۽ اسلامڪوٽ ۾ آهن؛
پر ٿر جا مارو ماڻهو، جي پنهنجو علاج به اسپتال ۾ ڪونه
ڪرائين، سي مال جو علاج به پاڻ ڪن. مال کي جُونءِ
پون، ته لماڪ کي پاڻيءَ ۾ گهوٽي بدن تي مالش ڪن، ته
جونءِ مري وڃن. جي ڪنهن جانور جي پيٽ ۾ ڦر مري وڃي،
ته گُڙ ۽ جاڻ گڏي پيارين، ته مئل ڦر نڪري اچي، نه ته
هٿ ڌوئي، گيهه مکي، سنهو ڪپ هٿ ۾ جهلي، ساو ۾
لنگهائي، ڦر کي نڪر نڪر ڪري، ٻاهر ڪڍن. پر جي ڦر
جيئرو هجي ۽ ابتو هجي، ته سيري سُڌو ڪري جيئرو
ڪڍيو وٺن. ڦر نڪرڻ بعد ڇڙ ازخود نڪري ايندي آهي،
پر جي نه نڪري، ته لسي ۽ کير گڏي ڪوسو ڪري پيارين
يا نير جي اڱڙي پاڻيءَ ۾ پُسائي نپوڙي اهو پيارين، ته ڇڙ
نڪري اچي. ٻڪرين کي ليس يا زڪام ٿيندو آهي. جنهن ۾
ناسن مان گند پيو وهندو آهي. جنهنڪري ساهه به ڇڳيءَ

آٿ کي چالي ۾ هڪ مرض ٿيندو آهي، جنهن کي ”ڳوهہ“ جو مرض چوندا آهن. اهو ڪمام خوفائتو آهي: سهل تي علاج نہ ٿيو تہ جانور مري وڃي. ان لاءِ لوهہ جي شيخ سان چاتيءَ تي گول ڏنب ڏين. مطلب تہ سال کي گهڻائي مرض ٿين، جن جا سي معمولي علاج بہ پاڻ ڪن.

# باب سترهون

## ٿر جي تهذيب ۽ تمدن

ٿر جي سڀيتا ۽ اتهاس، سنڌ جي سڀيتا ۽ اتهاس جو جز ۽ جگر آهن. البته ٿر جي مخصوص ماحول سببان، ٿر جي ماڻهن جي پوشاڪ، وهڻي ڪهڻي، اخلاق، شغلن ۽ ادبي ذوق انداز فڪر ۽ خيال جي اظهار جو نرالو آهي. منجهن تعليم نسبتاً تمام گهٽ آهي: نمونو ڇاڪاڻ جو ڳوٺ پري پري آهن، آمدورفت جا وسيلا گهٽ آهن، جنهنڪري تعليم کي عام وائج ڪرڻ ۾ به تڪليفون آهن. هتي ٿر جي تهذيب ۽ تمدن جي ڪن خاص پهلوئن جو ٿورو بيان ڏجي ٿو.

### ماڻهن جي پوشاڪ

ٿر جا ماڻهو ويچارا سادا: پوشاڪ سادي، کاڌو سادو- غريب ۽ شاهوڪار پوشاڪ مان پرکڻ مشڪل. جي ملڪ سائو ۽ سر سبز، ته مالدارن جا منهن پيا ٻهڪندا، پر جي برسات گهٽ، ته ماڻهو موڳا ۽ ملول.

برهمڻ ۽ ڪراڙن کان سواءِ ٻين سڀ هندو ذاتيون ٺڪر، مينگهواڙ، ڀيل، ڪولهي ۽ مسلمان ڏاڙهي ۽ وار ڪونه ونائين. ڏاڙهيءَ لاءِ ڏاڍي عزت اٿن- شل نه ڪو انهيءَ لاءِ گٿو لفظ ڪم آڻي. مسلمان ڏاڙهيءَ کي ڪيس ڪن ۽ گهڻا ميندي لائين. ڪراڙ ۽ برهمڻ ڏاڙهي ۽ مٿي جا وار ونائين، فقط مٿي تي وچ ۾ چوٽي رکائين، جنهن کي هو ڌرمي نشان

ڪجي ڦڪي ڳالهہ بدڻ ۾ پنهنجي گهٽتائي سمجهندا، جنهنڪري هلت ئي اهڙي هلن، جيئن ڪٽي ڪنڌ هيٺ ڪرڻو نہ پوي. پاڙي جي ننگ پڻيان مر بہ سهسائين، اهڙا ڪئين مثال آهن.

**انصاف:** شهرن ۾ تـوڙي ڳوٺن ۾ جي ڪنهن جو ڪنهن ڏي ڀاڱو پاٽي هوندو، يا ڏاڍو ايري جو حق غصب ڪري ويو هوندو ۽ سنوت نہ ڏيندو، تہ شهرين وانگر سڌو ڪورٽ ۾ وڃڻ بدران فيصلو راجوٽي طرح چئن چڱن وٽ ڪٺي ويندا، جتي نڪو چل نڪو ول، نڪو آڏي پچا ۽ نڪو شاهدن جو هرو پرو ضرور، نڪو وڪيلاڻيون حجتون، نڪو ڪوبہ قلمن جا ور وڪڙ ۽ نڪا انصاف ۾ اينگهہ. مدعي ۽ مدعاعليہ اچي وهندا، جي ساڪائتي ڳالهہ ڪندا. اسين اهڙا بي ريائا جو پنهنجن تان بہ سنئين سڌي ڳالهہ ۾ ڪين ٽرن، سو ڳالهہ بدي سچ ڪوڙ سمجهي ويندا ۽ هڪدم فيصلو ڏيندا، جو اهڙو بي ريائيءَ سان هوندو جو ٻنهي ڌرين کي قبول ڪرڻو پوندو. اتي ڪنهن جو چوُ چاڱو ڪونہ هلي، جنهنڪري ڪنهن جي بہ پاسخاطري ڪانہ ٿئي، چو تہ راڄن ۾ هرڪو ماڻهو سيڪنهن کي ساريو پيو آهي. اهڙي هنڌ لڄ وارو ماڻهو ڪوڙ ڪونہ ڳالهائيندو، پـر جي چڱن کي شڪ پيو تہ فلاڻو ڪوڙ ٿـو ڳالهائي تہ ان کان ڪونہ پڇندا، پر ان راڄ جي ڪنهن اعتبار جوڳي ماڻهو کي گهرائي، ان کان ملزم بابت ساڪائتي ڳالهہ پڇندا. اهو چڱو ماڻهو ڏوهيءَ کان پچا ڪرڻ بعد خاطري سمجهندو تہ ساک تي ويساهہ ڏيندو، نہ تہ نہ. ساک نہ ڏيڻ معنيٰ ڪاڻ انهيءَ پاسي آهي. چڱن جي فيصلي جي پوئواري هڪدم ٿئي. مجرم يا سندس برادريءَ وارا يا راڄ وارا يڪدم عيوض پـري ڏيندا يـا معافي وٺندا. اهـڙن وقتن تـي اڪثر ڪن ننڍن ڏوهن ۾ معافي ڏيڻ شانائتو سمجهندا آهن ۽ اهو ٿورو سندن عمر پر رهندو آهي. معافي بہ پاڻ ڪونہ ڏين، پر

فريادي ڏئي.

جيڪڏهين ڪنهن جي ڪا شيءِ چورائجي ويئي ته معتبرن جي معرفت موٽي ملي ويندي. اهڙين حالتن ۾ اوگهڙ هرويرو ڪانه ڪن. ڇگن جي فيصلي ۾ پيل ڏنڊ جڏهين جوابدار قبول ڪندو آهي، ان بعد ڇڏ چوٽ به گهڻي ٿئي. هڪ ٻئي جو محابو رکن. ڪن حالتن ۾ ته صفا گندي ڇنڊي به اٿن. جيڪڏهين ڪو اهڙو گناهه هوندو جنهن ۾ سرسيرو ڏنڊ پيل هوندو ۽ سندس لاءِ پورائو ڪرڻ محال هوندو ته راج يا نيات جو گهر گهر پني به پورائو ڪندو. اهڙن وقتن تي اهي به ڪيس خوشيءَ سان ڏيندا. بعضي پورائي ڪان پوءِ بچت به ٿيو پوي، پر اهڙي مدد سچ پچ گهرجائو ۽ اتفاقي ٿيل ڏوهن لاءِ ڪن، ۽ چاڻي ٻجهي ڪيل گناهه جي حالت ۾ ڪونه ڪن. وس پڄندي نيات ڪونه پنن ڇو ته نيات پنڻ ڪو سولو نه آهي، پر لاچار کي آچار ڪونهي. جيڪڏهين ڪنهن غريب يا بعضي سمجهو ۽ سياڻي ڪان به ڪو هٺاڪفير ٿي پيو ته چار ڇڱا يا نياڻيون سڙ وٺي معافي لاءِ ويندو. نياڻين جو سڙ ڪونه موٽائين. تڏي آئي تنگ ڪونه ٿين. اهڙين حالتن ۾ لاچار انهن کي مان ڏيئي موٽائين. جي ڪي ٻه ڌريون يا برادريون يا پاڙ ڪن گهرو سببن يا نيات وغيره جي ڳالهين ڪري پاڻ ۾ نه ٺهيل هوندا ته هڪ ٻئي وٽ شادي غمي ڪونه ويندا. اهڙين حالتن ۾ به راج جا ڇڱا ماڻهو ويهي ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي، هڪ ٻئي ڏي جي ڪنهن جو حساب هوندو ته اهو ڏياري يا معاف ڪرائي پاڻ ۾ پرچائي ڇڏيندا، ۽ ان وقت اهي پاڻ ۾ پاڪر پائي ملندا ۽ اڪثر آفيم جو ذرو ذرو ڪٽي هڪ ٻئي کي وات ۾ وجهندا، اهو سرچڻ لاءِ سئو سوڻ سمجهندا آهن. ان بعد وري هڪ ٻئي جي لاءِ دل ۾ ڪينو ڪونه رکن. ڀهراڙين ۾ هندو مسلمان گڏ ويٺا آهن،

# ٿر جو شڪار

ٿر ۾ هرڻن، سهن، تلورن ۽ تترن جو شڪار ڪبو آهي. ڪيترائي سنڌ جا زميندار سال به سال هزارين روپيا خرچ ڪري ٿر ۾ شڪار تي ايندا آهن. ٿر ۾ به ڪيترن ماڻهن وٽ بندوق جا ليسن آهن. گهڻن وٽ جان جي بچاءَ جا ليسن آهن، ڪن وٽ شوٽنگ ليسن به آهن، پر شڪار سيئي پيا ڪن.

جيتوڻيڪ گورنمينٽ پاران شڪار تي مقرر وقتن کان سواءِ ۽ مادي هرڻ جي مارڻ يا سهن، تترن وغيره جي شڪار تي بندشون آهن، مگر ان قاعدي جي پيروي ڪونه ٿي ٿئي؛ جنهنڪري هرڻن جو تعداد ٿر ۾ صفا گهٽجي ويو آهي. سرڪار کي گهٽ ۾ گهٽ ١٠ سالن لاءِ ٿر ۾ شڪار تي مڪمل بندش وجهڻ گهرجي، جيئن هرڻن، سهن، تلورن ۽ تترن جو بنهه صفا نابود نه ٿي وڃي.

**هرڻ جو شڪار:** هرڻن جي شڪار لاءِ جولاءِ ۽ آگسٽ جو مهنو سٺو آهي، ڇو جو انهيءَ وقت اجا گاهه ننڍو هوندو آهي ۽ هرڻ به چرڻ لاءِ ٻاهر نڪرندا آهن. ان وقت سرڪاري طرح بندش آهي. هرڻ جي شڪار لاءِ چستي ۽ چالاڪي کپي، ڇو ته هرڻ جي نظر تيز آهي، جنهنڪري ماڻهوءَ کي پري کان ئي تاڙي وٺندو آهي ۽ ڀڄي ويندو آهي. تنهنڪري شڪاري پنهنجي پوشاڪ هلڪي خاڪي رنگ جي ڪندا آهن، جيئن هرڻ يڪدم سهي نه ڪري. ليڪ گهڻي ڪندا آهن: پٽ تي چڙهي، وڻ منهن ۾ ڏيئي، چوڏاري جاچ ڪبي آهي. هيٺ ڏهر يا تلي وغيره ۾ ڪو هرڻ هوندو آهي ته پوءِ وڻن ٻنيان لڪي لڪي نيٺ وڃي شڪاري ويجهو پوندو آهي. پوءِ نشان ڪري بندوق شوٽ ڪندو آهي. هرڻ

ما دل کي وڻندڙ آهي. ڪنوار کي ساهري رواني ٿيڻ وقت پنيان سندس سهيليون جيڪو "ڏورو" گيت ڳائينديون آهن، سو به هڪ اثرائتو، من موهيندڙ ۽ معني وارو گيت آهي، جنهن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

درياءَ ري ڪپ ربن ماءُ پاپڙين،
گهوري ڍوراڻي ري ڪپ را جهاڙ-ڏوروا
ڏورو ساچي هيم روا!
١- پيچين ماءَ سرتين منان اوڏڙين،
ماءُ مانهجي ڏيڻل ٻائي وهيو ڙي ڏور-ڏورو
٢- ڪيهي جي رو جايل سوريو،
ڪيهي جي ري جايل ڍيل - ڏورو
(١) .............. جي رو جايل موريو،
(٢) ........ جي ري جايل ڍيل - ڏورو
٣- پگ تان جهبوڪي پولري،
هينئڙي جهبوڪي هار - ڏورو
٤- هجاران همّان رو گهاگهرو،
گهوري، سوهن سرئيو هار - ڏورو
٥- چڙهتي نوڙيو گهاگهرو،
آترتي نوڙيو نتوسر هار - ڏورو
٦- بيري جي جهليو ڏيولو،
پايل پرويو نتو سر هار - ڏورو
٧- ڏورئي ڍرتي ٻاچلڙي ڦوري،
مانهجو ڏاڏاڻو وهي گيو ڏور - ڏورو
٨- اونڏين تان ڪيبين ڪيبئين گهوري،
جهرمر برسين ميگهه - ڏورو.

---

(١) گهوٽ جي پيءُ جو نالو وٺبو. (٢) ڪنوار جي پيءُ جو نالو وٺبو.

٩- پريا ماڻ نويا نوپڙين گهوري،
پريو مانهنجي ڏاڏاڻي رو ڏيس - ڏورو
١٠- پينو ماڻ پينو جوڻا جي رو موريهو،
پينو ٻائي رو نوسر هار - ڏورو
(اجا پيا ٻہ ڪيترائي بند آهن)

## ٿر جو شعر

ٿر ۾ ڪي ناميارا شاعر ڪونہ ٿيا آهن. عام ماڻهو جهنگ جهر، ٻني ٻاوي ۾ يا مالدار ماڻهو مال چاريندي جهنگ ۾ گهمندو ڪري شاهہ صاحب جا بيت ۽ ڪافيون، مارئي بابت ڌار ڌار شاعرن جون چيل ڪافيون ۽ بيت چوندا آهن. ڪڏهين ڪڏهين مومل ۽ سسئي ڪي ٻہ ماريندا آهن. ٿڙ ٿي شاهہ جا بيت، مارئي، سهڻي، سسئي، ليلان ۽ سانوڻ فقير جا بيت ڪچهرين ۾ چوندا آهن.

نج ٿر جو شعر بہ آهي، جو ٿري ماڻهو چاهہ سان چوندا آهن. آهو ڪنهن جو ڻاهيل آهي، تنهن جي پوري خبر نہ آهي. ڪن ڪن ٿري شاعرن بہ چڱو شعر چيو آهي، مگر اهو ڪنو ڪير ڪري؟ نج ٿري شعر ڪٺو ڪجي تہ جيڪر چڱو ڪتاب جڙي پوي. ٿري شعر ۾ ڪيتريون ئي خوبيون آهن: ڪيترا بيت روح کي واحت ڏيندڙ آهن، نموني طور هڪ شعر پيش ڪجي ٿو.

منهنجا مٺا جاني، اجا ٿي جيئان ڙي،
ور ڏي ڪون وراٺي ڪري ڙي!
منهنجا جوان جاني! اجا ٿي جيئان ڙي.
١- ڪارو تان ٻنڪو، چورا! چونڪيو چڱو ڙي،
چڪي ري چيڙئي سنان ڪو ماري ڙي - مٺا جاني ....

اسڪول بورڊ جي حوالي هو، پر وري ١٩٤٧ع ۾ ضابطو سرڪار اسڪول بورڊ کان ڪسي پنهنجي هٿ هيٺ ڪيو آهي.

ضلعي جي مردانن اسڪولن لاءِ اڳي ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر هو. لوڪلبورڊ جي وقت ۾ ١٩٢٩ع کان اهو عهدو بدلائي، ائڊمنسٽريٽو آفيسر مقرر ڪيو ويو. هن وقت وري ١٩٤٧ع کان پوءِ سرڪار جي ضابطي هيٺ اچڻ بعد وري ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر آهي، جو ميرپورخاص ۾ رهي ٿو. هن جي هٿ هيٺ ڏار ڏار ٻه (حدن) لاءِ اسسٽنٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر آهن، جن کي تعلقا ورهائجي مليل آهن. اهي سڀني مردانن، زنانن ۽ ملا اسڪولن جو امتحان ڪندا آهن. ملا اسڪولن لاءِ اڳي ڌار ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر هو ۽ جدا کاتو هو، هاڻي انهن جو ضابطو به ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر جي هٿ ۾ آهي.

پرائمري تعليم ست درجا ۽ اردو تعليم ٽن درجن تائين ڏني ۾ اچي ٿي، ۽ في سڀني جي معاف آهي. ڪن شاگردن کي مردانن اسڪولن ۾ درجي موجب ١-٢-٣ رپيا اسڪالرشپ ملندي آهي. زنانن اسڪولن ۾ درجي وار اسڪالرشپ ۽ ڇوڪرين کي پرت جي ڪم لاءِ مفت ڪپڙو ۽ ٻيو پرت جو سامان ملندو آهي. ٿر زناني تعليم جي باري ۾ ضلعي جي ٻين پاڱن کان وڌيڪ وادارو ڪيو آهي، ڇاڪاڻ جو اتي پردي جو رواج ڪونهي. ميرپورخاص، سامارو ۽ عمرڪوٽ تعلقي ۾ زوري ابتدائي تعليم آهي، جنهن لاءِ بيٽ عملدار کان سواءِ اٽينڊنس آفيسر به مقرر ٿيل آهي، جو جيڪي ماڻهو ڇوڪرا نه موڪلين تن تي ڪيس داخل ڪندو آهي. ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر کي ”ٿرڊ ڪلاس ماجسٽريٽ“ جا پاور آهن، جو ڪيس هلائي سزائون (ڏنڊ يا جيل) ڏيندو آهي.

انگريزي تعليم جو ضابطو هن وقت لوڪلبورڊ جي هٿ

هيٺ آهي، جنهن جي پريزيڊنٽ کي سڀ اختيار ٻون آهن.
ڀورپائين منجهه اي - وي اسڪول ١٩١١ع ۾ کليو، جو پوءِ هاءِ اسڪول ٿيو. ڏيپلي ۽ عمرڪوٽ ۾ ٻه هاءِ اسڪول آهن. چاچري ۾ اي - وي اسڪول آهي، جتي پنجن درجن تائين تعليم ڏيڻ ۾ اچي ٿي. گڏڙي ۽ ننگرپارڪر ۾ انگلش ڪلاس ٽن درجن تائين هئا، جي پوءِ بند ٿي ويا. اسلامڪوٽ، چيلهار، رانجهو خان نون، اڏاٽي ۽ کانئيي ۾ انگلش ڪلاس آهن.

اڳي ورنيڪيولر فائنل امتحان چوڪرن توڙي چوڪرين لاءِ عمرڪوٽ سينٽر ۾ ٿيندو هو، پر سال ١٩٣٨ع کان وٺي اهو امتحان منجهه ۾ ٿيڻ لڳو. وچ ۾ ٢-٣ سال منجهه بدران ڏيپلو سينٽر ٿيو، پر هاڻي وري امتحان منجهه ۾ ٿئي ٿو. سال ١٩٥١ع کان ضلعي لاءِ ٻي سينٽر ميرپورخاص، منجهه ۽ ڏيپلو مقرر ٿيا آهن. هن امتحان کي هاڻي ”پرائمري اسڪول ليونگ سرٽيفڪيٽ امتحان“ چئجي ٿو، جو نالو سيپٽمبر ١٩٣٩ع کان بدلايو ويو آهي. اڳي اهو امتحان سيپٽمبر مهني ۾ ٿيندو هو، پر اپريل ١٩٤٠ع کان وٺي اهو امتحان سيپٽمبر بدران اپريل ۾ ٿئي ٿو. ٿر جي شاگردن کي منجهه سينٽر ٿيڻ ڪري وڏيڪ سهوليت آهي. منجهه ۽ عمرڪوٽ ۾ سنسڪرت سکيا لاءِ پاٺشالائون آهن - منجهه ۾ پاٺشالا ١٩٣٨ع ۾ کلي آهي.

| تعلقا | ٺڪ | ٽپا | پوسٽ آفيس | ڏڪ | پوليس ٿاڻا | سينيٽري بورڊ | اسپتالون | مرداڻا اسڪول | زنانا اسڪول | انگلش اسڪول | مسافرخانا |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| عمرڪوٽ | ٤ | ١٥ | ٧ | ٤ | ٥ | ٢ | ١ | | ٤ | ١ | ٧ |
| مٺي | ٥ | ١٠ | ٢ | ٢ | ٥ | ٢ | ١ | | ٢ | ١ | ٦ |
| ڇاڇرو | ٦ | ١٦ | ٣ | ٣ | ٦ | ٣ | ١ | | ٣ | ١ | ٨ |
| ڏيپلو | ٣ | ٧ | ٢ | ٤ | ٥ | ١ | ١ | | ١ | ١ | ٩ |
| ننگرپارڪر | | | | | | | | | | | |

ٿر ۾ تعلقن جي هيڊڪوارٽر وارا ڏڪ سدائين کليل آهن، باقي ٽپا ڏڪ فقط چار مهنا کن برساتي موسم ۾ ١- آگسٽ کان ٣٠- نومبر تائين کليل هوندا آهن.

# ”تاريخ ريگستان“ لاءِ مدد ورتل
# ڪتابن جي فهرست
## سنڌي ڪتاب

١ـ ”قديد سنڌ“ مصنف مرزاقليچ بيگ فريدون بيگ،
سال ١٩٢٥ع .

٢ـ ”سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ“ مصنف پيرومل مهرچند آڏواڻي،
سال ١٩٢٤ع.

٣ـ ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“ مصنف پيرومل مهرچند آڏواڻي،
ٻيو ڀاڱو ڇاپو ڇپريون ١٩٤٦ع، ڇاپو ڇپريون.

٤ـ ”پراچين سنڌو سيتا“ مصنف مهراج دوارڪا پرشاد شرما.

٥ـ ”جواهر جيوني“ ٻيو ڀاڱو مترجم ڪيرت وسنت.

٦ـ ”الوحيد“ اسپيشل ايڊيشن، ڇپيل ڪراچي، ١٥- جون ١٩٣٦ع.
سنڌ آزاد نمبر

٧ـ ”سنڌ جي تاريخ“ مصنف شمس العلماءَ خان بهادر
مرزاقليچ بيگ فريدن بيگ
سال ١٩٠٣ع .

٨ـ ”امر ڪوٽ اتهاس،“ مصنف تيج سنگ سولنڪي، تپيدار،
ٻيو ڀاڱو ڇپريون، ڇپيل حيدرآباد،
سال ١٩٣٠ع .

٩- سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" مصنف ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ڇاپو پهريون، ڇپيل ڪراچي، سال ١٩٤١ع.

١٠- " گلزار نثر" مصنف ڀيرومل مهرچند آڏواڻي.

١١- "سنڌ جي ادبي تاريخ" خان بهادر محمد صديق ميمڻ، ڇاپو پهريون، ڇپيل حيدرآباد، سال ١٩٣٦ع.

١٢- "سنڌ جي رنگين تاريخ" خان بهادر محمد صديق ميمڻ ۽ قاضي عبدالنبي، ڇاپو ٻيو، ڇپيل حيدرآباد، سال١٩٣٣ع.

١٣- "تاريخ سنڌ" هاسومل ۽ روپچند.

١٤- "انتخاب تاريخ طاهري" مترجم خان بهادر حاجي محمد صديق ميمڻ، سال ١٩٢٨ع.

١٥- "تاريخ سنڌ" ڀاڱو ٽيون مصنف عبدالغني، ڇپيل حيدرآباد، سال ١٩٣٩ع.

١٦- "وڏو قصو دودو ۽ چنيسر" مصنف حاجي حقير ابن منگڻ ڇپيل حيدرآباد، سال ١٩٤٣ع.

١٧- "تاريخ سنڌ" مصنف مولچند منگهومل واسواڻي، ڇاپو ٽيون، ڇپيل حيدرآباد، سال ١٩٤١ع.

١٨- "عمر مارئي" مصنف روچيرام گنگارام سڌاڻي، ڇاپو پهريون، ڇپيل حيدرآباد، سال ١٩٣٠ع.

١٩- "ٻکي ۾ ٻڌمڻي" (ناٽڪ) مصنف پروفيسر رام پنجواڻي.

٢٠- ”روح رهاڻ“ مصنف ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي.

٢١- ”بدنصيب ٽري“ (ناٽڪ) مصنف محمد اسماعيل عرساڻي، چاپو پهريون، ڇپيل حيدرآباد، سال ١٩٤٧ع.

٢٢- ”ابوالفضل ۽ ملافيضي“ مصنف حڪيم مولوي فتح محمد سيوهاڻي، سال ١٩٣٦ع.

٢٣- ”همايون جو خواب عرف اڪبر جو جنم“ مصنف چيتن ليکراج ماڙيوالا، چاپو پهريون، ڇپيل ڪراچي، سال ١٩٤٢ع.

٢٤- ”بيگلار نامو“ مترجم خان بهادر حاجي محمد صديق ميمڻ، چاپو پهريون، ڇپيل حيدرآباد، سال ١٩٤٧ع.

٢٥- ”سنڌ جو شاهنامو“ مترجم خان بهادر محمد صديق ميمڻ.

٢٦- ”سنڌ جو پراچين اتهاس ڀاڱو ٻيون“ مصنف مهراج دوارڪا پرشاد شرما، ڇپيل حيدرآباد.

٢٧- ”تاريخ سنڌ“ ڀاڱو چوٿون (ارغون ۽ ترخان) مصنف مسٽر محمد صديق گلا ب خان ”مسافر“، سال ١٩٤١ع، ڇپايل ”سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي“ حيدرآباد.

٢٨- ”سير ريگستان“ مصنف مسٽر محمد اسماعيل عرساڻي، ڇپيل حيدرآباد، سال ١٩٥١ع، چاپو پهريون.

## اردو ڪتاب

١ـ ”وقائع راجستان“ ڀاڱو پهريون } مصنف حڪيم مولوي نجم الغني،
٢ـ ”وقائع راجستان“ ڀاڱو ٻيو } سال ١٩٢٧ع، ڇپيل
همدرد پريس لکنو.

٣ـ ”تاريخ هندستان“ ڀاڱو ٻيو } مصنف خان بهادر شمس العلماء
٤ـ ”تاريخ هندستان“ ڀاڱو پنجون } مولوي ذڪاءالله، ڇپيل
عليگڙهه، سال ١٩١٨ع.

٥ـ ”تاريخ فرشته“ ڀاڱو پهريون } ڇپيل نول ڪشور پريس
٦ـ ”تاريخ فرشته“ ڀاڱو ٻيو } لکنو، سال ١٩٢٥ع.

٧ـ ”تاريخ وسياسيات“ ڀاڱو پهريون ليکڪ مولانا سيد سليمان ندوي، اپريل ١٩٥١ع.

٨ـ ”واقعات دارالحڪومت دهلي“ مصنف بشيرالدين احمد دهلوي،
ڀاڱو پهريون سال ١٩١٩ع.

٩ـ ”مغلن جي هند ۾ سلطنت“ مصنف مسٽر شرما.
ڀاڱو پهريون

## گجراتي ڪتاب

١ـ ”تاريخ گجراتي“ مصنف مگن لال بخت چند، ڇپيل احمدآباد، سال ١٨٧٠ع.

٢ـ ”ڪڇ جو اتهاس“ مصنف جيرامداس ڇيڻاپائي - نيم - گانڌي، انجار، ڇاپو پهريون، ڇپيل احمدآباد، سال ١٩٢٦ع.

٣- ”ٽاڊ راجستان“ ڀاڱو پهريون } مترجم رتن سنهه ديپ سنه پرمار،
٤- ”ٽاڊ راجستان“ ڀاڱو ٻيو } ڇپيل ”مستوساهتيه پستڪاليه“
احمدآباد، سنبت ١٩٨٢،
سال ١٩٢٥ع.

٥- ”ويرني والو“ ڀاڱو پهريون مصنف تاراچند پوپٽ لال ڇپيل احمدآباد، سال ١٩٢٨ع.

٦- ”سنڌ جي اتهاسڪ آکاڻين جو ڪتاب“ سال ١٩٣٢ع.

٧- ”سنڌ جو اتهاس“ مصنف اميد علي ڪريمبخش، هيڊ ماستر عمرڪوٽ، ڇپيل احمدآباد، سال ١٨٨٧ع

٨- ”ڪڇ نو ڪيسري اٿوا - دودو اني چنيسر“ مصنف نارائڻ وشنجي، ڇپيل بمبئي، سال ١٩٢٩ع.

٩- ”ڪڇ نو ڪارتڪيه - جاڙيجو وير ڪنگهار“ مصنف وشنجي ڇتريچ، سال ١٩٢٢ع.

١٠- ”راس مالا“

١١- ”ڪڇ جي رس ڌار“

١٢- ”اڪبرباداشاه جو جيون چرتر“ مترجم ڀيمجي هرجيون، ڇپيل احمدآباد، سال ١٩١٦ع.

١٣- ”مارواڙ اتهاس“ مصنف جگديش سنگهه گهلوت جوڌپور.

١٤- ”راڻڪ ديوي اني راء ڪنگهار“ (ناٽڪ) ڇپايل مهاديو رامچندر جاگيه وسٽ، ڇپيل احمدآباد، سال ١٩٣٩ع.

١٥- ”تاريخ گجرات“ مصنف شيخ غلام محمد، ڇپيل مصطفائي پريس، بمبئي.

## عربي ۽ فارسي ڪتاب

١- ”تاريخ فيروز شاهي“
٢- ”تاريخ معصومي“
٣- ”چچ نامو“ ڀاڱو پهريون
٤- ”تحفة الڪرام“ ڀاڱو پهريون
٥- ”تحفة الڪرام“ ڀاڱو ٻيو
٦- ”تحفة الڪرام“ ڀاڱو ٽيون
٧- ”منتخب التواريخ“
٨- ”تاريخ عجائب الاسناد“
٩- ”لب تاريخ سنڌ“
١٠- ”غياث اللغات“

## هندي ڪتاب

١- ”راجپوتانا اِتهاس“ ڀاڱو پهريون مصنف جگديش سنگهه- جي- گهلوت،
ڇاپو پهريون،
ڇپايل ”هندي ساهتيہ مندر“
جوڌپور، جولاءِ ١٩٣٧ع.

٢- ”ناڊ راجستان“ ڀاڱو پهريون
٣- ”ناڊ راجستان“ ڀاڱو ٻيو
ڇپيل وئنڪٽيشور پريس بمبئي، سال ١٩٢٥ع.

۴- ”اوجها سولنڪيون ڪاپراچين اتهاس“ مصنف پنڊت گوري شنڪر هيراچند اوجها، سال ۱۹۰۷ع.
۵- ”پشڪرڻا سجن چرتر“ پاڱو ڀهريون مصنف پنڊت موتي لال شرما، چپيل ڪراچي، سال ۱۹۳۰ع،
٦- ”اتهاسڪ گرنٿ مالا“ پستڪ ڀهريون
۷- ”پرٿوي راجه راسا“

## Bibliography of English Books

1- "Sind Gazetteer", B. volume, Tharparkar District; dy J. W. Smith, 1919.
2- "Great Trigonometrical Survey of India", 1863.
3- "Rajasthan" volumeI, by Colonel JamesTod.
4- "Journal of the Sind Historical Socicty", volume VIII, No: 2, June 1947.
5- "Imperial Gazetteer of India", volume IV.
6- "Antiguities of Sind", by Henry Cousens, Calcutta, 1925.
7- "Royal Asiatic Society Journal", 1905.
8- "Budhist Record of the Western World", volume II.
9- "History of Kathiawar", by William Vilber F. Bell.

10- "Indus Delta Country", by Major R. Haig, London, 1894.
11- "Bombay Presidency Gazetteer", volume VII, 1880.
12- "History of India", Vol: I, V, by Sir Elliot, 1867.
13- "Cutch", by T. Postans, 1839.
14- "Sind" by J. Abbot, 1924.
15- "Sind and its People", by Burton.
16- "Akbar Nama". Volume I and II, Translated by H. Bewaij I. C. S.
17- "Humayun Nama", by Gulbadan Begum, Translated by H. Bewaij I. C. S.
18- "Sind Historical Society Journal", Vol: IV, Part III,
19- "History of Sind", vol: II, by Mirza Kalich Beg, Karachi, 1900.
20- "Tod's Rajasthan", Vol: III, by William Croke.
21- "Report on Marwar Population", Vol: III, 1891.
22- "Sind Gazetteer", by Hughs.
23- "Memoir of the Thar and Parkar Districts of Sind", by Captain Stanley Napier Raikes Bombay, 1856.
24- "Mihran of Sind and its Tributeries", by Major Raverty, Calcutta, 1892.
25- "The Journal of Sind Historical Society", Vol: II, Part IV March 1937.
26- "Narrative of a Visit to the Court of Sind", by James Burnes, 1839.

27- "History of Alienation", Vol: I, by Aitkin.
28- "Gazetteer of the Countries Adjacent to India on North-west, Including Sind", 1844.
29- "Selections from the Premutiny Records of the Commissioner in Sind", Vol: VIII. District Tharparkar.
30- "Report of the Archaelogical Survey of India", 1903-1904.
31- "Ain-e-Akbari", Translated by Gladstone.

# سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپايل

# ڪي ڀيا ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ۱. | وهاڻ | ۱۵-۰۰ |
| ۲. | يادگيريون | ۱۵-۰۰ |
| ۳. | ڪنڀڙيءَ وارن جو ڪلام | ۱۵-۰۰ |
| ۴. | ايشيا جون لوڪ ڪهاڻيون | ۱۰-۰۰ |
| ۵. | قديم سنڌ | ۳۰-۰۰ |
| ۶. | سومرن جو دؤر | ۲۵-۰۰ |
| ۷. | سچل جو سنيهو | ۱۲-۰۰ |
| ۸. | ديوان بيڪس | ۱۵-۰۰ |
| ۹. | نانڪ يوسف جو ڪلام | ۴۰-۰۰ |
| ۱۰. | ڪڇين جا قول | ۲۰-۰۰ |
| ۱۱. | رسالو سچل سرمست (سنڌي) | ۵۰-۰۰ |
| ۱۲. | رسالو سچل سرمست (سرائڪي) | ۵۰-۰۰ |
| ۱۳. | مير محمد معصوم بکري | ۵۰-۰۰ |
| ۱۴. | جنب گذاريم جن سين (ڀاڱو ۱) | ۴۰-۰۰ |
| ۱۵. | جنب گذاريم جن سين (ڀاڱو ۲) | ۶۰-۰۰ |
| ۱۶. | تاريخ معصومي | ۵۰-۰۰ |
| ۱۷. | ڪليات خادم | ۱۰-۰۰ |
| ۱۸. | ڪليات حمل | ۵۰-۰۰ |
| ۱۹. | نئين مصر جا پراڻا ورق | ۲۵-۰۰ |
| ۲۰. | جنت السنڌ | ۴۰-۰۰ |
| ۲۱. | مشاهير سنڌ (جلد ۱، ۲، ۳) | ۱۲۰-۰۰ |
| ۲۲. | ڪيمياءِ سعادت (جلد ۲) | ۴۰-۰۰ |
| ۲۳. | ڪافيون (جلد ۱) | ۶۰-۰۰ |
| ۲۴. | ڪليات حاجي خان چنجني | ۳۵-۰۰ |